# جتڪي ٻولي

تحقيق ۽ تصنيف

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

سنڌي
لئنگئيج
اٿارٽي

# جتڪي ٻولي

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

مددگار

منير احمد ميرجت

سنڌي لئنگئيج اٿارٽي

حيدرآباد، سنڌ

1424 ھ/ 2003ع

سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ جو ڪتاب نمبر 76

مصنف جا حق ۽ واسطا قائم

هي پهريون ڇاپو مصنف طرفان ٻوليءَ جي خدمت خاطر بنا معاوضي
سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري کي اشاعت لاءِ ڏنو ويو.

# جتڪي ٻولي

مصنف: ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

مددگار: منير احمد ميرجت

ڇاپو: پهريون

سال: 1424 هجري/ 2003ع

تعداد: 500

ڇپائيندڙ: سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد، سنڌ

ڇپيندڙ: ميسرس سنڌيڪا اڪيڊمي، ڪراچي

قيمت: 50 روپيا، 5 ڊالر، 3 پائونڊ

**Catalogue Reference**
Baloch N.A
Sindhi Language
Jataki Language
Sindhi Language Authority
ISBN: 969-8194-52-5

# Jataki Boli

By: N.A.Baloch
Assisted by: Muneer Ahmed Mirjat
Edition: First, 2003
Quantity: 500
Printed by: Sindhica Academy, Karachi
Published by: Sindhi Language Authority, National Highway,
Hyderabad 71000 Sindh, Pakistan

Tel 0221-9240050-53
Fax 0221-9240051
E-mail. sindhila@yahoo.com, sindhila1@hotmail.com
Price: Rs. 50/=, $ 5, 3

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

# عنوانن جي فهرست


ناشر طرفان .......................................... ھ - و

مهاڳ ..................................................ز - ي


## ڀاڱو پهريون

## تـــاريـــخـــي پـــس مـــنـــظـــر


باب پهريون......... جت بلوچ، تاريخ جي روشنيءَ ۾ 9-24

باب ٻيو.......جت بلوچ- شاهه عبداللطيف جي نظر ۾ 25-33

باب ٽيون ...................... جتڪي ۽ قديم سنڌي 34-38


## ڀاڱو ٻيو

## جـــتـــڪي ٻولي جـــو گـــرامـــر


باب چوٿون ........................ اسم 41-44

باب پنجون ........................ صفت 45-47

باب ڇهون ........................ اضافت 48-50

باب ستون ........................ ضمير 51-59

باب اٺون........................ عدد: واحد ۽ جمع 60- 67

باب نائون ........................ حرف جر 68- 73

باب ڏهون ........................ استفهام 74- 78

باب يارهون ........................ فعل 79- 90

باب ٻارهون ........................ زمان 91- 99

## ڀاڱو ٽيون

## جتڪيءَ جا مقامي محاورا، لهجا ۽ ڳالهه ٻولهه

باب تيرهون.......... جتڪيءَ جا مقامي محاورا ۽ لهجا 103-106

باب چوڏهون..........................ڳالهه ٻولهه 107-116

## ڀاڱو چوٿون

جتڪي- سنڌي لغات 119-144

# ناشر طرفان

ٻوليون، هڪ ٻئي جي اثر ۽ سهاري هيٺ وڏي ويجهي ۽ ترقي ڪنديون رهنديون آهن. سماج ۾ تبديلي، ترقي ۽ اوسر جو اثر ٻولين جي تبديلي، ترقي ۽ اوسر تي ٿيندو رهيو آهي. اڄ دنيا جي اڪثر سماجن ۾ ٻه يا ٻن کان وڌيڪ ٻوليون مختلف حيثيتن ۾ استعمال تي رهيون آهن. ٻه يا ٻن کان وڌيڪ ٻوليون جڏهن ڪنهن سماج ۾ واپرائجن ٿيون، تڏهن هڪ ٻوليءَ جا لفظ، اصطلاح ۽ محاورا ٻي ٻوليءَ ۾ استعمال ٿيڻ لڳندا آهن ۽ ڪجهه حالتن ۾ هڪ يا ٻي ٻوليءَ ۾ ضم ٿي، انهيءَ ٻوليءَ جا ٿي ويندا آهن. اهڙي طرح ٻولين جي لفظي خزاني ۾ واڌ ويجهه اچڻ سميت ڪيترين ٻولين جي هيئت، املا ۽ صورت ۾ پڻ فرق ايندو آهي ۽ ٻوليون تبديليءَ سان گڏ اوسر ۽ ترقي به ڪنديون رهنديون آهن.

سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، پنهنجي مقصدن کي آڏو رکندي، سنڌ جي جدا جدا ڀاڱن ۾ ڳالهائي ويندڙ سنڌي ٻوليءَ جي لهجن، محاورن ۽ ٻين مقامي ٻولين جي تقابلي جائزن تي ڪتاب تيار ڪرائڻ وارو ڪم به پنهنجي ذمي کنيو آهي. ان سلسلي ۾ سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ پاران پنج ڪتاب 'سبيءَ جي ٻولي'، 'ماتيلي- اوٻاوڙي جي ٻولي'، 'شڪارپور جي ٻولي'، 'ماڇر- ڪڪرالي- ڪاري جي ٻولي' ۽ 'ٿر جي ٻولي' شايع ڪرايا ويا آهن، جڏهن ته 'براهوي- سنڌي ٻوليءَ جو تقابلي جائزو' جي عنوان سان، سنڌي ۽ براهوي ٻوليءَ جي سماجي لسانياتي جائزي تي مشتمل ڪتاب پڻ ڇپائي پڌرو ڪيو ويو آهي.

ان ئي سلسلي جو هي اهم ڪتاب 'جتڪي ٻولي' اوهان جي هٿن تائين پهچائيندي انتهائي خوشي محسوس ڪري رهيا آهيون جو سنڌي ٻوليءَ جي وڏي عالم ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، هي ڪتاب پنهنجي علمي تجربي ۽

تحقيق جي روشنيءَ ۾ تيار ڪري، سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ جي حوالي ڪيو آهي. ان ڪان اڳ اهڙي مهرباني ۽ سنڌي ٻوليءَ سان چاهه جو اظهار ڪندي ڊاڪٽر صاحب، شاهه سائينءَ جي ڪلام جي لغت 'روشني' پڻ اٿارٽيءَ جي حوالي ڪئي هئي، جيڪا ڇپجي پڌري ٿي چڪي آهي. اسان سنڌي ٻوليءَ جي ترقي ۽ ترويج لاءِ قائم ڪيل هن اداري تي اعتماد لاءِ سندن ٿورا مڃيندي هي ڪتاب اوهان جي هٿن تائين پهچائي رهيا آهيون. اميد ته سنڌي ٻوليءَ جي اوسر، ارتقا ۽ سماجي لسانيات ۾ دلچسپي رکندڙ هن ڪتاب مان وڌ ۾ وڌ لاڀ پرائي، سنڌي ٻولي ۽ سماج جي ترقيءَ لاءِ پنهنجون صلاحيتون ڪتب آڻيندا.

ڊاڪٽر محمد قاسم ٻگهيو

12 اپريل 2003

# مهاڳ

ٻاويهہ سال کن اڳ 1980ع ۾ شايع ڪيل 'سنڌي ٻولي ۽ ادب جي تاريخ' ۾ هيٺين حقيقت ڏانهن ڌيان ڇڪايو ويو هو تہ:

> جتن ۽ ٽَڪُرن (سوڍن) جي ٻولين ۾ پنهنجي پنهنجي خاص خصوصيت آهي جيڪا شايد اڳئين تاريخي دور جي يادگار آهي ۽ جنهن مان سنڌي ٻوليءَ جي آڳاٽي خاڪي بابت ڪي نتيجا ڪڍي سگهجن ٿا.

اهڙن صحيح نتيجن تي پهچڻ لاءِ وڌيڪ تفصيلي تحقيق جي ضرورت هئي، خاص طرح جَتڪيءَ بابت جنهن ۾ قديم سنڌيءَ جا ڪي اهڃاڻ موجود آهن. هي مطالعو اهڙي تحقيق طرف پهريون قدم آهي.

'سنڌي ٻولي ۽ ادب جي تاريخ' ۾ واضح ڪيو ويو هو تہ جتڪي ٻولي 'جتن بلوچن' جي قبائلي ٻولي آهي. سنڌ ۾ خاص طرح ميرجت قبيلا هي ٻولي ڳالهائين ٿا ۽ ان ڪي 'مير جتڪي' بہ سڏي سگهجي ٿو. مگر ڪڇ ۾ 'نٽيار جت' بہ ساڳي ٻولي ڳالهائين ٿا . انهيءَ ڪري هن ٻوليءَ ڪي جملي جت قبيلن جي نالي سان 'جتڪي' چوڻ مناسب ٿيندو. 'مير جتن' ۽ 'نٽيارن' کان سواءِ جتن جي ٻين ٽکن پاڙن جي هن وقت عام ٻولي سنڌي آهي پر ان ۾ بہ سندن اصلي ٻولي 'جتڪي' جا ڪي الفاظ موجود آهن.

جتڪيءَ جا ڳالهائيندڙ سڀ جت بلوچ آهن جيڪي ٻين بلوچ قبيلن کان گهڻو اڳ ايران مان هجرت ڪري سنڌ ۾ آيا ۽ اتان اڳتي ڪڇ تائين ويا. قبل از اسلام واري دور ۾ ڪي وري ايران ويا پر جيڪي گهڻي وقت تائين سنڌ ۾ رهيا تن ان وقت جي سنڌي ٻولي اختيار ڪئي. اسلامي دور ۾ ايران - عراق ۽ سنڌ جي وچ ۾ قافلن جي سرواڻن طور آيا ويا. انهيءَ ڪري ٻين بلوچ قبيلن جي بلوچي ٻولي (۽ ان جي مختلف محاورن) وانگر 'جتڪي' تي بہ عربي ۽ فارسي

جو اثر پيو جنهن جا ڪي ميساريل آثار جتڪيءَ ۾ ملن ٿا. پر 'جتڪي' ۾ قديم سنڌيءَ جا آثار وڌيڪ نمايان آهن.

اهو ڄاڻڻ ضروري آهي ته 'جتڪي' مان مراد اُن ڏاريندڙ عام پيشي وارن جتن جي ٻولي ناهي: ڏنڏي- پيشي وارو اٺ ڏاريندڙ ۽ پاليندڙ هرڪو جت پنهنجي قوم قبيلي واري ٻولي (سنڌي، سرائڪي، ڍاٽڪي وغيره) ڳالهائيندو. جتڪي، پيشي جي لحاظ سان نه پر نسل جي نسبت سان جتن بلوچن جي ٻولي آهي.

يوروپي لکندڙن، نالي ۾ُل سببان، هندوستان جي جاٽن ۽ (پاڪستان -پنجاب) جي جٽن/ جٽن کي سنڌ- بلوچستان جي جتن سان ملايو آهي. انهيءَ مونجهاري کي صاف ڪرڻ لاءِ، هن ڪتاب جي پهرئين باب ۾ جت بلوچ قبيلن جي تاريخي پس منظر کي وڌيڪ تفصيل سان بيان ڪيو ويو آهي. هن ٻوئين ويجهي دور ۾، 'جتن بلوچن' جو گهڻو ذڪر شاهه عبداللطيف 'سسئي- پنهون' جي داستان جي حوالي سان رسالي جي پنجن سرن ۾ ڪيو آهي، ۽ ڀڻ کن بيتن ۾ جتڪي جا ڪي الفاظ آندا آهن. تصديق لاءِ انهن بيتن کي باب ٻئي هيٺ مرتب ڪيو ويو آهي ته جيئن جتن- بلوچن جو سلسلو سولائي سان سمجهه ۾ اچي. ٽئين باب ۾ جتڪي سنڌي جي ڪن لفظن، صورتين ۽ سٽائن جي ڀيٽ سان ڪي نتيجا ڪڍيا ويا آهن جيڪي جتڪي توڙي سنڌيءَ جي قدامت تي شاهد آهن.

ڪتاب جو پهريون ڀاڱو مٿين ٽن بابن تي مشتمل آهي. ٻئي ڀاڱي ۾ جتڪي جيَ گرامرُجو مختصر مگر بنيادي خاڪو ڏنو ويو آهي جنهن کي دليلن ۽ مثالن سان وڌيڪ تفصيل سان سمجهائي سگهجي ٿو. ٽئين ڀاڱي ۾، جتڪيءَ ۾ روزمره جي گفتگو جا مثال مختلف ڀاڱن جي ڳالهائيندڙن جي پنهنجي زباني ڏنا ويا آهن. ته جيئن موجوده دور ۾ جتڪيءَ جي مقامي محاورن جي ڄاڻ حاصل ٿئي. آخري چوٿين ڀاڱي ۾ 'جتڪي- سنڌي لغات' جي پٽي مرتب ڪئي وئي آهي، جنهن کي اڳتي هلي وڌائي سگهجي ٿو.

جتڪي جي هن ابتدائي تحقيق ۾، نوجوان منير احمد خان ميرجت شروع کان آخر تائين مون سان مددگار رهيو. جڏهن ته مير جتڪي سندس مادري ٻولي آهي انهي ڪري سندس معاونت سان هن ڪشالي کي ڪاڻ ۾ سولائي ٿي. مظهر حسين ۽ ٻيا ميرجت ساٿي ساٿس ٻانهن ٻيلي ٿيا جن گهربل مواد جمع ڪرڻ ۾ مدد ڪئي. آءٌ انهن سڀني سڄڻن جو ٿورائتو آهيان. خاص شڪريو پنهنجي مهربان دوست محترم بهاول خان ميرجت (ڊائريڪٽر نيشنل سيونگس، حيدرآباد) جو جنهن هر مرحلي تي هن ڪم ۾ مفيد مشورا ڏنا ۽ پڻ وڏيڪ تحقيق خاطر ڳوٺ بهار خان ميرجت ۾ ڪچهري جو انتظام ڪيو. نوجوان احسان علي لغاري هن ڪتاب جو مواد سلسلي وار ڪامپيوٽر تي سهڻي ترتيب سان ڪمپوز ڪيو.

محترم ڊاڪٽر قاسم ٻگهيو، چيئرمين سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، سان جڏهن هن ڪتاب جي تڪميل جي ڳالهه ٿي ته ائين بهتر ڄاتائين ته اٿارٽي طرفان ڇپايو وڃي. علمي خدمت خاطر، هن پهرئين ايڊيشن جي اشاعت بنا معاوضي اٿارٽي جي حوالي ڪئي وئي.

علامه آءِ. آءِ. قاضي چيئر
سنڌ يونيورسٽي، حيدرآباد، سنڌ
22- نومبر 2002ع

خادم العلم

نبي بخش

# ياڱو پهريون

## تاريخي پس منظر

# باب پهريون

## جت بلوچ، تاريخ جي روشنيءَ ۾

هي تحقيقي مطالعو انهيءَ 'جتڪي ٻولي' ۽ انهن جتن قبيلن جو آهي جن کي شاهه عبداللطيف پنهنجي رسالي ۾ سسئي جي پنجن سرن ۾ 'جت- بلوچ' سڏيو آهي. مثلاً هيٺئين بيت ۾ پنهون جت به آهي ۽ بروچ به آهي:

وڙيم سڀ وٿاڻ، جـــار ڪارڻ جت جي
والله بکل شيءِ مـحـيط، اتي اِي اهجـاڻ
سڀ ۾ پنهـون پاڻ، پـنـو ناهه پروچ ري.
(آبري: داستان 3)

هيٺئين وائي ۾ جت ۽ ٻاروچا ساڳي ڳالهه آهن:

جت پانهنجيءَ جوءِ ۾ جانب مان جيئن
ٻانهي ٻاروچا پانهنجي سگر مان سڏن.
(ڪوهياري 5: وائي)

شاهه صاحب گهڻي ڀاڱي لاڙ ۽ ڪڇ جي جتن قبيلن واري بلوچڪي معاشري کان باخبر هو، پر سنڌ جي سِري ۽ ان سان لاڳو بلوچستان جي جتن قبيلن جو به ساڳيو ئي معاشرو آهي: نه فقط ايترو پر سنڌ- بلوچستان توڙي ڪڇ جي جتن قبيلن جي ٻولي 'جتڪي' به ساڳي آهي. ٻين بلوچ قبيلن وانگر، جت قبيلا به ايران کان آيا، پر اهي ٻين سيني کان صديون اڳ ۾ سنڌ ۾ آيا ۽ سنڌ جا ٿي ويا. سنڌن سماجي نظام به بلوچن وارو سرداري قبائلي نظام آهي، ۽ انهيءَ نظام ۾ به هو ٻين بلوچ قبيلن سان ڀائيچاري ۾ آهن. جتن قبيلن ۾ ٻين بلوچن واري

• جاٽ هڪ جدا قبيلو آهي ۽ انهن جي گهڻائي هندستان ۾ مشرقي پنجاب ۽ دهلي طرف آهي. ٿي سگهي ٿو ته اهي آڳاٽي وچ- ايشيائي ترڪي نسل مان هجن. جاٽ قبيلن مان گهڻا اسلام ۾ آيا ۽ 19- صدي ۾ جاٽ مسلمان قبيلا اڀرندين پنجاب مان لڏي اچي پاڪ مغربي پنجاب جي فيصل آباد واري علائقي ۾ نئين نهري پاڻي تي آباد ٿيا؛ خاص طرح سمندري، گدر پنڊي، مريد والا ۽ سلوني جهل وارن پاڙن ۾ انهن جي گهڻائي آهي.

• جَت: اهو 'جاٽ' کان جدا، پنجاب (پاڪستان) جو هڪ ٻيو قبيلو آهي.

• جت: پنجابي- سرائڪي ۾ استعمال ٿيندڙ گهٽتائي وارو لفظ آهي. پاڪستاني پنجاب جي وچ ۾ ڏکڻ جي غير آباد ٻهراڙين ۾، آڳاٽي وقت کان وٺي جيڪي پوئتي پيل جدا جدا ذاتين وارا غير معروف مقامي ماڻهو هئا تن کي نئين نهري نظام تي پاهران اچي آباد ٿيل ماڻهن 'جانگلي' (جهنگلي) يا 'جت' (اڻ سڌريل) سڏيو. سنڌ ۾ به اهو لفظ ان ساڳي معنيٰ ۾ رائج ٿيو، خاص طور جڏهن کان پنجاب کان 'عامل هندو' سنڌ ۾ آيا. انگريزن جي دور ۾ ان جو وڏيڪ استعمال ٿيو ڇاڪاڻ جو پڙهيل هندو ۽ سرڪاري ڪامورا خاص طرح ڳوٺائن مسلمانن کي 'جت، سڏڻ لڳا.

مٿين ٽنهي نسبتن ۽ نالن کان 'جت' نالو ۽ نسب نامو جدا آهي. سنڌ- بلوچستان ۽ ڪڇ جي جت قبيلن جو، جاگرافيائي توڙي تاريخي لحاظ سان، مٿين نالن سان ڪو واسطو ڪونهي.

سنڌ ۾ 'جت' لفظ جيتوڻيڪ عام فهم آهي پر ان جون به معنائون آهن: هڪ عام ڏنڌي پيشي واري ۽ ٻي نسب نسل واري. پهرين معنيٰ موجب ڪوبه شخص جيڪو اٺ ڌاري ۽ پالي يا اٺ جي واڳ سنڀالي ۽ ڪنهن کي هتان ڪٿي هت پهچائي سو جت آهي. اهو عارضي ڌنڌي پيشي وارو لفظ ڪنهن به

قبيلي جي ماٿهو سان لاڳو ٿي سگهي ٿو. ٻي معنيٰ دائمي نسل نسب واري آهي، يعنيٰ نسل نسب جي اعتبار سان 'جت' لفظ ۽ نالو قوم قبيلي سان لاڳو آهي؛ انهيءَ معنيٰ ۾ ٿي سنڌ، بلوچستان ۽ ڪڇ جي قبيلن تي اهو قبيلائي نالو آڳاٽي دور کان پيو جڏهن ٻين بلوچ قبيلن وانگر اهي به ايران يعني سيستان، ڪرمان ۽ قديم مڪران ۾ رهاڪو هئا.

## جت بلوچ تاريخ ۾:

تاريخي حوالن توڙي لغت جي اعتبار سان، 'جَت' لفظ فارسي آهي. اصل ۾ اهو لفظ 'جُفت، هو- معنيٰ جوڙيوال، جوڙ ۽ ساٿي. ان دور کان وٺي انهن قبيلن جو پيشو اٺ پالڻ ۽ لڏڻ ۽ اٺن جا قافلا ڪاهڻ رهيو. مصنف مقدسي ويندي 5- صدي هجري ۾ بلوچن جو ذڪر ڪري ٿو جن وٽ جماز (اٺ) آهن. اٺ سان گڏ هلڻ ۽ پڻ مسافر سان اٺ تي جوڙ جُفت هجڻ جي ڪري، ايرانين هنن کي 'جُفت' سڏيو. وقت گذرڻ سان، اهو لفظ قبيلي جي پنهنجي ٻوليءَ ۾ (ف کان سواءِ) هلڪي اچار سان ڦري 'جُت' ٿيو. قبل از اسلام واري دور ۾ جڏهن هو سنڌ ۾ آيا ۽ آباد ٿيا ته سنڌن نالي وارو لفظ 'جُت' سنڌيءَ ۾ رائج ٿيو ۽ اڄان تائين رائج آهي. سنڌي لغت ۾ 'جُت ٿيڻ' (جوڙ ٿيڻ، ٻٽ ٿيڻ) ۽ جُتو وجهڻ (گڏيو وجهڻ، لڳو وجهڻ) ان آڳاٽي دور جا لفظ آهن. شاھ صاحب جي رسالي ۾ سر سري- راڳ جي بيت ۾ آهي ته:

جُتو وانءِ جهاز، گڏئو غُرابن سين

(اي وڏا جهاز! تون به غرابن سان لڳو وڃ، گڏيو وڃ)

اڄان به گهڻي وقت گذرڻ سان، سنڌ ۾ سنڌي جي اثر هيٺ لفظ 'جُت' ڦري 'جَت' ٿيو جيستائين اوائلي اسلامي دور ۾ سنڌ ۾ اڄان اهو نالو 'جُت' (ج جي پيش) واري صورت ۾ رائج هو جو عربيءَ ۾ پڻ ان کي 'زُط' (ز جي پيش سان) ڪري

لکيو ويو.

سنڌ ڏانهن بلوچ قبيلن جي پهرين هجرت ٻي صدي عيسوي ڌاري ٿي جڏهن ساڪائن انهن کي سيستان مان بي دخل ڪيو. انهي ڪري، پنجين ڇهين صدي عيسوي ۾ راءِ گهراڻي جي دور ۾ به جت قبيلا سنڌ ۾ موجود هئا. ان دور ۾ ايران جي ساساني شهنشاهه طرفان سنڌ تي حملا ٿيا، ۽ هڪ وڏي حملي ۾ سنڌ جو راءِ سهاراس مارجي ويو ۽ سنڌ (جيڪا ان وقت سنڌ- بلوچستان جي حدن واري هئي) جي لشڪر مان گهڻا ڏسنا قيدي ٿي ايران ويا. انهن ۾ ٻن بلوچ قبيلن 'زُط ۽ سَيابجه' يعني جَتن ۽ سياه پادن جو ذڪر اچي ٿو (جيڪي هن وقت تائين سنڌ ۽ بلوچستان ۾ موجود آهن) اهي قبيلا پوءِ ايران ۾ رهيا ۽ ساسانين جي فوج جا اڳواڻ ٿيا. حضرت عمر رضہ جي خلافت ۾ هنن اسلام قبول ڪيو. پهريائين ٻئي هڪ بلوچ قبيلي جو اڳواڻ سياهه سوار، جيڪو ايراني بادشاهه يزد جرد جي هڪ فوج جو جرنيل به هو تنهن يزد جرد جي غلط ڪاري ڪان بيزار ٿي، اسلامي سپه سالار اصحابي ابو موسيٰ الاشعري سان ڳالهايو، جنهن کي حضرت عمر اجازت ڏني، ۽ بلوچ جرنيل معاهدو ڪري بحيثيت قبيلي جي اسلام قبول ڪيو. ان کان پوءِ ان ساڳئي معاهدي مطابق، زُط ۽ سَيابجَه (جتن ۽ سياه- پادن) قبيلن اسلام قبول ڪيو، ۽ اسلامي ڀائيچاري ۽ برابري واري اصول مطابق انهن کي عرب قبيلي بنوتميم سان ملائي ان جي ٻن پاڙن بنو سعد ۽ بنو حنظله جو ڀائر ڪيو ويو. انهن عهدنامن جي ڪري پوءِ ٻيا بلوچ قبيلا اسلامي لشڪر سان شامل ٿيا جنهن ڪري ايران جا ڪرمان، سيستان ۽ مڪران وارا علائقا جلد فتح ٿيا. محمد بن قاسم جي ڏاهر سان جنگ وقت اجان سنڌ ۾ رهندڙ جت بلوچ قبيلا اسلام ۾ ڪين هئا؛ انهن مان جنگ ۾ جيڪي قيد ٿي حجاج وٽ پهتا تن بابت معلوم ٿيو تہ هو ميٺهون پاليندڙ آهن انهي ڪري حجاج انهن کي سندن اهل

اولاد سميت ڪَسڪر علائقي ۾ آباد ڪيو.

فردوسي جي شاهنامي ۾، ايراني تاريخ جي ساساني دور ۾، خاص طور تي بلوچ قبيلن ’ڪوچ ۽ بلوچ‘ جو ذڪر اچي ٿو جنهن مان معلوم ٿئي ٿو ته ان دور ۾، ۽ پڻ پوءِ، بلوچ پاڻيچاري ۾، هي قبيلا بلوچ جي نالي سان ۽ پڻ ڪن ٻين نالن سان ٿي سڏيا ويا. ”ڪوچ ۽ بلوچ“ کي اسلامي تاريخ ۾ عربي اچارن سان .قُفص ۽ بلوص‘ ڪري لکيو ويو. اسلامي دور جي شروع ۾ پيا بلوچ پهرين صدي هجري جي شروع (7- صدي عيسوي) ۾ فارس ۽ اهواز ۾ رهندڙ بلوچ قبيلن سياه سوارن، جتن ۽ سياه پادن) جو ذڪر آهي. ٻي صدي هجري جي شروع ۾ محمد بن قاسم جي فتح وقت سنڌ ۾ رهندڙ جت قبيلن (جيڪي اسلام ۾ نه آيا هئا) جو ذڪر آهي. چوٿين صدي هجري ۾ ٻين گهٽن بلوچ قبيلن ۽ سندن اڳواڻن جا نالا ملن ٿا. چوٿين صدي (366- 311هه) ۾ جڏهن ايراني گهراڻو بنو بُوَيه طاقتور ٿيو ته سندن حڪمرانن، عُضدالدوله ۽ بهاءِ الدوله، ڪرمان ۽ سيستان ۽ مڪران جي بلوچ قبيلن خلاف انتقامي جنگيون شروع ڪيون ڇاڪاڻ جو بلوچ قبيلا ايرانين خلاف اسلامي فوج سان شريڪ ٿيا هئا. ان کان پوءِ سلطان محمود غزنوي طرفان سرڪش بلوچ قبيلن خلاف لشڪر ڪشي ٿي انهي ڪري 4- 5 صدي هجري (10- 11 عيسوي) ۾ خاص طرح سيستان، ڪرمان ۽ اتر مڪران مان بلوچ قبيلن جي ڏکڻ مڪران (بلوچستان)، سنڌ ۽ پنجاب طرف ٻي هجرت شروع ٿي. مسعودي (ڪتاب مروج الذهب)، ابن حوقل (ڪتاب صورة الارض)، مقدسي (ڪتاب الاقاليم) وغيره مصنفن تيهن کن بلوچ قبيلن جا نالا ڏنا آهن جيڪي ان وقت فارس، ڪرمان جي بيابانن، قفص- بلوچن وارن جبلن، سيستان سان لاڳو علائقن، مڪران ۽ ان جي سامونڊي ڪنارن لڳ رهندڙ هئا. انهن مان بلوچستان- سنڌ ڏانهن بارائي (بروهي)، مري،

۽ ڪڇ ۾ رهندڙ بلوچن جي جدا جدا ڪڙمن ۽ پاڙن، سردارن ۽ سربراهن، ماڳن مقامن، ڏنڌن پيشن، ٻولي ۽ ان جي محاورن بابت پيڇائون پئي ڪيون آهن معلوم ٿيو ته 15- صدي کان وٺي ورندي پاڪستان جي قائم ٿيڻ تائين انهن ساڳين ماڳن مقامن تي رهيا آهن. البت پاڪستان ٿيڻ بعد ڪڇ مان گهٽن پنهنجا ماڳ مڪان ڇڏيا هجرت ڪري اچي سنڌ ۾ ڪاري ۽ لاڙ ۾ رهيا.

هيٺ، جاگرافيائي لحاظ سان (الف) اتر سنڌ ۽ ان سان لاڳو بلوچستان ۽ وچولي سنڌ (ب) لاڙ (ج) ڪاري ۽ (د) ڪڇ جي جت- بلوچن جي ڪڙمن ۽ پاڙن بابت مختصر طور تي روشني وڌي ويندي.

● **اُترءِ وچولو سنڌ ۽ بلوچستان:** جيئن مٿي بيان ٿيو، 15- صدي عيسوي کان وٺي ڪي ڪُڙم ميرجت جي نالي سان مشهور ٿيا ۽ پيا 'جت' واري اصل نالي سان سڏيا ويا. مير جت، پوءِ هيٺ وچولي سنڌ تائين پکڙيا ۽ جتي ويا اتي هنن پنهنجي سماجي شناخت برقرار رکي جيئو هنن پنهنجي اصلوڪي جتڪي ٻولي ڪانه ڇڏي، جنهن ڪري اها جڻ 'مير جتڪي' جي نئين نالي سان مشهور ٿي وئي. 'ميرجتن' کان سواءِ پيا جت قبيلا، ٻين بلوچ قبيلن وانگر، مقامي ماحول مطابق سرائڪي يا سنڌي ڳالهائڻ لڳا. بهرحال ٻوليءَ سببان هڪڙا قبيلا ميرجت ۽ پيا جت سڏجڻ لڳا. اتر سنڌ ۽ ان سان لاڳو بلوچستان جي علائقن (سبي، نازي، ڪڇي) توڙي وچولي سنڌ تائين اها صورتحال رهي.

**مير جت پاڙا:** راوَجي يا راوَجي ۽ سنتالي ٻئي پاڙا ڪَويل ديواني جي اولاد مان، پر راوجي کي تاريخي اهميت آهي جو هو مير چاڪر رند جو طرفدار ٿيو. راوجي جا مکيه ڪڙم تي جن مان پيا پاڙا ٿيا:

1. جڙنگلاڻي (پگ وارو) جن جو وڏو ڏاڏو هيبت (جرنگل پٽ فتح محمد پٽ

عاشور پٽ جڙنگل پٽ رستم پٽ هيبت). جونگلاڻي جا ٻيا ٽي پاڙا جيڪي گنداوا ۽ ناڙي ۾ آباد: حمل زئي، جيئندزئي، چلوزئي. خان قلات محمود خان جي وقت ۾ راوچي جي پڳ قلندر جو نگلاڻي تي هئي.

2. دادواڻي، جنهن ۾ گلاباڻي (پڳ وارو)، بشڪواڻي (بشڪو سوچي جو، سوڀو محمود جو) چنداڻي، داداڻي ۽ ڪوپل.

3. مرچاڻي، جنهن ۾ دلاور زئي (پڳ وارو)، چام زئي ۽ ماڇاڻي، دلاور زئي جو وڏو ڏاڏو دلاور پٽ طوغان پٽ سومر.

ٻيا مير جت پاڙا: سنجراڻي، پنڊ، حاجاڻا، ڪنڊاڻي، ٻبر، لنجواڻي، لشاري، بُراڻا، بالادي (جن مان ڪي جتڪي ۽ ڪي سرائڪي ڳالهائين): پنڊ، حاجاڻا ۽ ڪنڊاڻي اهي سرائڪي ڪن.

ـ پاٿيچاري راجداري جي لحاظ سان، راوچي سڀ رند سردار سان آهن، راوچي جي وڏيري کي پڳ بہ رند سردار ٻڌائيندو. سنجراڻي، لشاري، لنجواڻي، پنڊ ۽ بُراڻا بہ رند سردار سان آهن. ٻيا هيٺيان پارا راجداري ۾ ٻين سردارن سان آهن پر ڦوڙي سڀ رند سردار کي ڏيندا.

ـ ٻبر، واسوواڻا ۽ حاجاڻا جمالي سردار جي راجداري ۾ آهن.

ـ سنتاڻي، مگسي سردار جي راجداري ۾

ـ لنجواڻي، چانڊيي سرداري جي راجداري ۾

ـ جيڪب آباد، لاڙڪاڻي ۽ دادو ضلعن جا هڪڙا ميرجت راجداريءَ ۾ جمالي سردار سان ۽ ٻيا ٻڙدي سردار سان، پر ڦوڙي سڀ رند سردار کي ڏيندا. انهن ۾ شامل پاڙا: جونگلاڻي، ماڇاڻي، دادواڻي، ڪنڊاڻي، مرچاڻي، دلاورزئي ۽ بالادي.

ـ لاڙڪاڻي ضلعي ۾ رتي ديري ۽ نئين ديري والوٽ، واسوواڻا، دائيداڻا، پنڊ،

ديدڙ وغيره. ساهو والن مان پاريجا، جهانگاري ۽ پڻ ڪنڊاڻي، بحراڻي، حاجاڻا ۽ زرداري جن مان ڪي ٿورا سرائڪي ڳالهائين.

● **وچولي سنڌ ۾ ميرجت:** گهٽو ڪري ميرجت پاڙا اتر سنڌ مان هيٺ وچولي سنڌ ۾ آباد ٿيا. سکر، خيرپور، نوابشاهه، دادو ۽ حيدرآباد ضلعن ۾ ويٺا. ڪي ٿورا پاڙا اِهان هيٺ لٿي يا بدين ضلعن جي حدن ۾ آباد ٿيا (جيئن ڪي راوچي هالا، ميرپور بٺوري ۽ تلهار تعلقن ۾)؛ پر هيٺ لاڙ ۾ گهٽائي ٻين جي جن جو ذڪر هيٺ ايندو. ٻين بلوچن وانگر، وچولي سنڌ وارا ميرجت ۽ ٻيا پاڙا، وقت گذرڻ سان اتر جي سرداري نظام واري پائيچاري کان الڳ ٿي ويا آهن. انهن جون پنهنجيون جدا جدا راڄداريون آهن. جيتوڻيڪ گهٽا وڏا پاڙا اهي ساڳيا آهن جيڪي جيڪب آباد ۽ بلوچستان طرف آهن. جيئن تہ راوچي، جونگلاڻي، بشڪراڻي، داداڻي، دلاورزئي، ماچاڻي، لنجواڻي، سنجراڻي، سنٽاڻي، حمل زئي، گنڊڪاڻي، شهبڙاڻي، عاقيواڻي، پرڪاڻي، ڪرماڻي، چمناڻي، مغلاڻي، بحراڻي، ڪنڊاڻي، ساهو وال، شهداڻي، چوڪاڻي، بالاديم واسوواڻا، حاجاڻا، دائيداڻا، ٻبر، لاشاري، داداڻي، گلاباڻي، چندواڻي، موچاڻي، چام زئي، جيئند زئي، چلو زئي، زرداري، گولاڻي، تيجواڻي، مستاڻي، مادناڻي، مهراڻي، مارڪاڻي سيتاناڻي، مندڙاڻي، بلنداڻي (ٽنڊو محمد خان لڳ) لاڪاڻي (شاهہ ڪريم)، براهماڻي (سجاول). ڪي پاڙا، پوئين ويجهي دور ۾ سندن وڏن ڏاڏن جي نالن سان مشهور ٿيا. مثلاً ڳوٺ بهار خان ميرجت (ٽنڊوالهيار) ۾ رهندڙ پاڙا قيصراڻي، دائوداڻي، ڇٽاڻي، جاڙوواڻي، بنگلاڻي، رستماڻي، نصيراڻي، حسناڻي، ڏاڙهوواڻي، ٻيڙاڻي، ڪرماڻي ۽ ميواڻي. ڳوٺ گولو ميرجت ۾ راوچي، مندوستاڻي، ٻيلساڻي، ٻيلماڻي، اهي سڀ مير جتڪي ڳالهائين، دادو، نواب شاهہ، سانگهڙ ۽ حيدرآباد ضلعن جي هيٺين ڳوٺن وارا

مير جتڪي ٻولي ڳالهائين.

**ضلعو دادو:** ڳوٺ بيگو ميرجت، ڳوٺ رائلو مياڻ، ڳوٺ سائينڏنو ملاح.

**ضلعو حيدرآباد:** ڳوٺ انب ميرجت (ٽنڊومحمد خان)، ڳوٺ سڪيو ميرجت لڳ هالا، ڳوٺ الهه بخش مير جت تعلقو هالا، ڳوٺ بهار خان ميرجت، ٽنڊوالهيار، ڳوٺ دولت خان ميرجت ٽنڊوالهيار، ڳوٺ منو ميرجت ٽنڊوالهيار، ڳوٺ محمد رحيم مير جت، نصرپور، ڳوٺ الهورايو ميرجت ٽنڊوالهيار، ڳوٺ گرلو مير جت (ٽنڊوالهيار)، ڳوٺ موليڏنو ميرجت، ڳوٺ دودو ميرجت لڳ پيٽ شاهه، ڳوٺ چيڙ مير جت (ٽنڊوالهيار)

**ضلعو نوابشاهه:** ڳوٺ اميد علي ميرجت سٺ ميل، ڳوٺ سائين رکيو ميرجت سٺ ميل، ڳوٺ مراد علي ميرجت سٺ ميل، ڳوٺ سليمان فقير ٻانڊي، ڳوٺ حاجي طالب چڪ- 62، ڳوٺ دين محمد ميرجت ڪوٽ لالو، ڳوٺ دوست محمد ميرجت لڳ لاڪا روڊ.

**ضلعو سانگهڙ:** ڳوٺ عارب فقير ڪڏڙو، ڳوٺ سومر فقير شاهپور چاڪر، ڳوٺ حاجي الهورايو ميرجت، سنڌڙي، ڳوٺ ٻچو فقير شاهپورچاڪر، ڳوٺ سومر ميرجت ٽنڊوآدم.

## لاڙ ڪاري ۽ ڪيچ جا راڄ

لاڙ، ڪاري (سمنڊ جي ڪناري) ۽ ڪيچ جا جت راڄ، پاڻيچاري ۽ راڄداري نظام ۾ سنڌ- بلوچستان جي ميرجتن ۽ جتن راڄن کان الڳ آهن. اهي 'ميرجت' نه پر 'جت' سڏجن جيتوڻيڪ سندن ڀيريون وڏو سردار مير عمر هو. سنڌ- بلوچستان جي ميرجتن واري ساڳي جتڪي ٻولي ڪن. سندن پنهنجو سرداري نظام الڳ آهي سواءِ ڪاري جي. لاڙ ۾ ٺٽي ۽ بدين ضلعن جا سڀ راڄ جاتي جي ملڪ جي برادري ۾ آهن؛ ڪيچ وارا راڄ اتي پنهنجي ملڪ جي برادري ۾ آهن ۽ ڪي

جاتي جي ملڪ جا ياءِ آهن. پاڪستان کان پوءِ، ڪڇ جا راڄ جيڪي هجرت ڪري سنڌ ۾ آيا تن جو ڪڇ سان جيتوڻيڪ تعلق ڪٽجي ويو پر پاڻ کي ڪڇ واري راڄداري سان واسطيدار سمجهن ٿا.

ـ ڪاري ۾ رهندڙ جت راڄ جيڪي ڪاري ڇاڻ جي پريان سنهڙي، وير ڪنڊڙي ۽ ڪائين وارو مڪان وغيره ماڳن تي درياءَ جي اولهه ۽ اوير ٻنهي طرفن رهن، تن مان ڏباٽي راڄ جيڪي درياءَ جي اولهه طرف آهن سي سڀ ڪرمتي مَلڪ سان ياٽيچاري ۾ آهن. باقي ٻيا اوير طرف وارا جاتيءَ جي مَلڪ جي ياٽيچاري ۾ آهن جن ۾ هيٺيان راڄ شامل: شيهه يا شَهَ، آسر، ونگاٽي، عامُر، سِهاٽي، للاٽي، مِسڙ، چمڙيا، جتوئي، عيسباٽي، شهبيگي، نٽيار، بجاراٽي، فقيراٽي، بجار پوٽا، مسواٽي.

ـ ڪڇ ۾ جت قبيلا ڪنهن آڳاٽي وقت کان سنڌ مان ويا. ونگاين مان جيڪي راڄ ڪڇ ۾ آيا، اهي سڀ مال وارا؛ باقي ڪڇ جا گِراسيا' راڄ سي زميندار. مال وارن مان، هڪڙا نَٽيارن وٽ 'نٽي' يعني ٻَاٻون ۽ مينهون، ٻيا جن وٽ اُٺيون سي ڪَنڊ واري ياڱي ۾ رهن ۽ انهي ڪري 'ڪانڊي'، سڏجن. نٽيارن ۽ ڪانڊي سڀ ياٽيچاريءَ ۾ 'لاکي' سان آهن.

● نَٽيار: نٽيارن ۾ سالار جو اولاد سَالاراٽي وڏو ڪڙم آهي. مرحوم فقير گل محمد سالاراٽي (بن صالح محمد بن حاجي ابراهيم بن مبارڪ بن ونهيون بن مبارڪ بن ونهيون بن شاهو بن ارجڻ بن بيگن بن سالار) چيو ته سالرا جا وڏا متي 'هَديهَ' آهن. سنڌ جا هديه (ساڪري ۽ ملير ۾) ڪلمتي آهن؛ ان مان گمان نڪري ٿو ته هي قبيلو شايد آڳاٽو ڪَلمت (مڪران) مان آيو هجي. سالار جو پٽ بيگن جنهن کي ٽي پٽ ٿيا: راميڻ، حسن ۽ ارجن. راميڻ جو اولاد راڏاٽي ۽ سانولاٽي، حسن جو اولاد عَمراٽي ۽ مدداٽي، ارجن جو اولاد بَرياٽي جن جو

وڏو ڏاڏو جعفر ٻَرياڻ ۽ ٻيو ونهياڻي جن جو ڏاڏو ياڻي صاحب جو فقير ونهيون جيڪو ڪتن جي خدمت ڪندو هو. پَڙ جانگ پاڙو، تن بابت صحيح روايت اها ته سالار جو ياءِ ستار ڏنو هو، جنهن 'وَرجانگ' سوڍي ۽ منگري سوڍري ڪان زمين ڪتي. پوءِ ان جي اولاد لاءِ مشهور ٿيو ته ورجانگ وارا. جيڪو پوءِ ڦري 'پڙجانگ' ٿيو. ٻيا نتيار پاڙا هينيان:

- واڱهاڻي، نتلاڻي، سانئياڻي، ٽيئي هڪ راڄ
- مَنداڻي جن ۾ شامل رنباڻي، مراداڻي ۽ وزيراڻي سڀ پاڻ ۾ هڪ راڄ
- حاجاڻي ۽ آرٻاڻي هڪ راڄ
- موڏاڻي ۽ ڇهلاڻي هڪ راڄ
- مناڻي ۽ عارياڻي هڪ راڄ
- شاهواڻي، لاڪاڻي، سوتڪاڻي، بجارپوترا، آجاڻي، منهاڻي، ڏاتواڻي، بکراڻي، محباڻي، عامر، سُڪانياڻي، تالي، ونگاڻي، رَتاڻي ۽ مياڻي اهي سڀ نَتِي وارا، يعني مينهيون ۽ ڳايون ڏارين. پاڪستان کان اڳ ڪَڇ ۾ سڀ کان گهڻيون مينهون (ڏهه پندرهن هزار، جي بيماري نه پئي ته) سالاراڻين وٽ، ٻئي نمبر ۾ منداڻين وٽ، ٽئين نمبر ۾ لاڪاڻين ۽ چوٿين نمبر ۾ ونگاين وٽ.

• ڪانڌي: ڪڇ ۾ ڪانڌي جت اهي جيڪي ڪڇ جي الهندين علائقي 'ڪنڌ' ۾ رهن ۽ اٺيون ڏارين. انهن ۾ شامل راڄ فقيراڻي ۽ ٻيا. انهن مان هڪ ياليا جيڪي يال ۾ رهن، ۽ ٻيا گهُناڻو جيڪي گهُناڻو ۾ رهن.

• ونگاڻي: هڪ روايت موجب ونگاڻي نسب نامي ۾ اصل منداڻي آهن، ۽ ٻي روايت موجب اهي ونگي بن مير عمر (وڏي) جو اولاد آهن.

عامر (جن جا راڄ پٽاڻو ۾ موڃا)، سياڻي ۽ شيهه (شيح= شيخ، بلوچڪيءَ ۾ شيخ جو اچار 'شيح') ٽيئي نسب ۾ ونگاين سان گڏجن. حڪومت اهي ڪڙم

ڪَنڌ ۾ ويهاريا ۽ انهن کي جاگيرون ڏنائون ۽ پڻ ڏاڻ (پن چري) معاف ڪيائون تہ سَرحد ني سنڀالين. حاجي مير عمر ونگائي کي لَڪي جاگير ڏنائون؛ لڪائي عامُر ۽ شيهہ (شيخ) جاڙي کي شوري جاگير ڏنائون؛ سانوَلي فقيراڻي کي پپر ڏنائون؛ لاکو چامرٽ سِياٽي تنهن کي ڪَنوچ ڏنائون. ونگاين جو چڱو مڙس حاجي علي محمد (پٽ حاجي مير پٽ ڪريمداد پٽ مُهڙ (ننيو) پٽ ڪريمداد (مٿي مهڙ وڏي ۽ مير عمر جو اولاد) ۽ ٻيا پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ لڏي اچي ڪاري ۾ رهيا.

تاريخي اعتبار سان، لاڙ، ڪاري ۽ ڪيچ جا موجوده جت قبيلا هوت نسل جي بلوچ قبيلن سان گڏ سنڌ جي لاڙ وارن ڀاڱن ۾ آيا ۽ پوءِ اتان اڳتي ڪيچ ڏانهن ويا. 6- صدي هجري ۾ 'ملڪ' خطاب ڪيچ جي حڪمرانن جو هو؛ ان ساڳئي خطاب وارا اڳواڻ سنڌ جي لاڙ ۾ پنهنجن قبيلن جا سربراهہ ٿيا. لاڙ ۾ جتن بلوچن جي قبائلي رياست ٺٽي محمد خان کان هيٺ ميرپور بٺوري، گولاڙچي ۽ جاتي تعلقن وارين حدن ۾ هئي ۽ ان جو مرڪزي شهر رَڙي هو. ملڪ ميرواتي جو سر، رهو. 18- صدي ۾ مشهور سردار حمر ۽ راڌو هئا جن جا مزار ملا حسن درسائي جي مقام لڳ آهن. ڀانئجي ٿو تہ ٽالپورن جي اوائلي دور ۾ جڏهن چانگن ۽ جتن جون جنگيون ٿيون تڏهن جتن 'رڙي' وارو علائقو (تعلقو بدين) ڇڏيو ۽ جاتي کي پنهنجو مرڪز بنايو. جاتي تعلقي جو نالو ئي جتن راڄن جي گهڻائي ڪري پيو.

ـ نسب نامي جي هڪ روايت (زباني مرحوم گل محمد فقير سالاراڻي 2- اپريل 1969ع موجب بجار ۽ ميرو ڪيچ مان آيا. بجار پنهنجي نياڻي پنهنجي ڀائيٽي ميري کي ڏني ۽ پوءِ پنهنجي پڳ بہ ميري کي ڏني. ميري رڙي ۾ سرداري ڪئي. ميري جو پٽ شير خان جنهن جا ٻہ پٽ هڪ پونگر ٻيو جمن،

پونگر جي اولاد مان ڪڇ،(سراڙو تعلقو ڪاهوڙو) ۾ ٿتيارن جا سردار جن پنهنجو لقب "لاکو" ڪيو، ۽ حمر جي اولاد مان سنڌ ۾ لاڙ جي جتن جا سردار تن جو لقب "ملڪ". ملڪ ۽ لاکو ٻئي پڳداري جا خطاب ٿيا: ملڪ سنڌ ۾ ۽ لاکو ڪڇ ۾. 65- 1960ع ۾ ڪڇ ۾ ٿتيارن جو سردار حاجي نورخان (پٽ آگيڏنو پٽ علي بخش پٽ مير محمد پٽ حمر پٽ پونگر) هو. سنڌ ۾ ان وقت ملڪ ماموخان (پٽ ٻقادار پٽ محمد صديق پٽ غلام حسين پٽ راڌو پٽ جهان خان پٽ حمر) هو. مامو خان مرحوم سان راقم جون رهاڻيون هيون. هن وقت مامون خان جو فرزند ملڪ غلام قادر ۽ سندس سوٽ محمد علي، جاتي جي ملڪاڻي گهراڻي جا وڏا آهن.

ـ نسب نامي جي ٻي روايت موجب، ڪنهن وقت جتن جو وڏو مير هو جنهن جا ٽي پٽ: ونگو، جَسو ۽ مَندو. ونگو جنهن جو اولاد ونگاڻي جن تان سڄي علائقي جو نالو ونگو ٿيو. ونگي جي اولاد مان مُهڙ ۽ ٻحرو ٿيا؛ مُهڙ جو اولاد مهڙاڻي جيڪي وڏيرا ونگاين جا. ۽ ٻحري جو اولاد ٻحراڻي جيڪي 'ڪارا ونگاڻي' سڏجن. ونگي جي اولاد مان ڪي ڪڇ ۾ ويا جتي وڏي مان مرتبي وارا ٿيا ۽ ڪين جاگيرون مليون. جسي جو اولاد جَساڻي راڄ (سنڌ ۽ ڪاري ۾) ۽ مَندو جو اولاد مَنداڻي راڄ (سنڌ ۽ ڪڇ ۾).

• سنڌ ۾ مَلڪ جي پائيچاري ۾ چار وڏا راڄ:1. اوٺار،2. مَنهون راڄ،3. پکي راڄ،4. ڪارائي. اوٺار اهي جيڪي اصل ڪان وٺي هن وقت تائين اٺ ڌارين؛ اهي اوٺاريا اُٺ ٻُري راڄ سڀ مَلڪ سان آهن، جئن ڪڇ ۾ ٿتيار راڄ جيڪي ٽِني (ڳئون، مينهن) ڌارين سي سڀ لاکي سان آهن.

ـ اوٺارن ۾ شامل راڄ: جيشنداڻي، عمراڻي، چاڪراڻي، مَنگهاڻي، زَهري، مَمُوساڻي، ڏَڏڪاڻي (ڏڏڪي جا وينٺل جن ۾ ٻلالاڻي ۽ ٻيا شامل)، ٻهلاڻي،

عيسباڻي، للاڻي (جاتيءَ لڳ). ڏباڻي (گهٽا راڄ) انهن به ڏارين ۾ مينهون به ڏارين.
ـ مَنهون راڄ: اهو مجموعي نالو آهي جنهن ۾ گهٽا راڄ شمال منهون راڄ مان ماهيڙ، مڪڙا ۽ پٺاڻي انهن ڏارين. اهي گهٽي وقت کان وٺي هَل هلان ڇڏي، مَنهن اڏي ٽي وينا ۽ پاڙيسرين سان سنڌي ڳالهائڻ لڳا. فقط مَنهين راڄ وارا ئي آهن جيڪي جتڪي ڪين ڪن ۽ سنڌي ڳالهائين. انهن ۾ شامل سسئي وارا، رهيجي وارا، گبول، ڀاٽي، اوناڻي، پيروزاڻي، ريڊار، چنڙائي، مَلان، ٻيلائي، ماهيڙ، مڪڙا، پٺاڻي، جماڻي، مارواڻي، ميرا، گيانچ. انهن مان ڪي انهن به ڏارين جڻ تہ ماهيڙ، مڪڙا ۽ پٺاڻي. اهي سڀ ملڪ جي ڀائيچاري ۾ آهن. ڪڇ ۾ گراسيا مَنهن راڄ آهن پر اهي الڳ آهن.
ـ پکي راڄ: يعني پکن وارا جيڪي هڪ هنڌ ويٺل نہ آهن پر سانگي سان جتي ويهن اتي پکا هڻي ويهن. ولاسيا (ولاسي وارا)، لاکاڻي ۽ ٻيا پکي راڄ ۾ شامل آهن. بلوچن جي راهہ رسم موجب ٻين وانگر، اهي بہ گهگهيلا ۽ پَن پَردي وارا آهن. پکي جي پت سنڌن سماج جو سهاڳ آهي، شاهہ جي رسالي جو بيت آهي تہ:

پکي ڏري جو پردو، گهگهيلي جو پرم
رکج شاهہَ شرم، لائق لاڳي جا ڏٿي.

پکي ڏري= پکي جي ڏري، ٻيگهہ يا لانڍ. پوت= پکي جي ويڪر، شاهہ= بندر جو شاهہ، لاڳي جو ڏٿي= محصول جو مالڪ. هيءَ بيت سامونڊي ڪناري لڳ پکي راڄ وارن لاءِ دعا آهي.

# باب ٻيو

# جت بلوچ شاهه عبداللطيف جي نظر ۾

شاهه عبداللطيف رح جيڪو اڄ کان 258 ورهيه اڳ ٿي گذريو ۽ جنهن کي سنڌ جي بلوچن، جتن جي پوري ڄاڻ هئي، تنهن بلوچن کي جت ۽ جتن کي بلوچ سڏيو آهي. هيٺ شاهه صاحب جي بيتن مان مثال ڏنا ويا آهن.

(الف) ساڳئي بيت ۾ جت بلوچ ساڳي ڳالهه، (ب) جت ۽ ڪيچي ساڳي ڳالهه، (ج) جت ۽ پنهون ساڳي ڳالهه، (د) بلوچ، ٻروچ، جت ساڳي ڳالهه.

[انهن مثالن آڏو، سرن، داستانن ۽ بيتن جا حوالا شاهه جي رسالي جي مستند متن جلد 8-9 مرتب ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ سنه 1999ع جا آهن].

## (الف) ساڳي بيت ۾، جت ۽ ٻروچ ٻئي ساڳي ڳالهه:

ووڙيم سَڀَ وَٽاڻَ، جَارَ ڪارڻَ جَتَ جي،
سَڀَ ۾ پُنهُون پَاڻُ، ڀِنو ناه ٻَروچ ري.
(آبري 3:7)

ٻانهي ٻاروچَنِ سين سَگَ نه ساهينديا س،
آهَ نه لاهينديا سِ، جِيري جَتَ ڏسي مَران.
(آبري 5:9)

جَتَ ٻانهنجيءَ جوءِ ۾، جانبَ مَانَ جيئنِ،
ٻانهي ٻاروچا ٻانهنجي، سَگِرِ مانَ سڏينِ.
(ڪوهياريَ 5: وائي)

آءٌ ٿي ڇُلان ڇپَرين، جان ٻاروچن ٻَاجهه گهٽي،
پنهونءَ ڏاران پَٻَ ۾، ٻيلي ناه ٻَئي،
جَتن ڇڏي آهيان، ڇڏمَ ڪيچ ڏٺي.
(حسيني 5: وائي-2)

لَڪَـڙياريُون آگــريُون، ٻاروچــاڻو ٻيــرُ،
اَچي پَســنـو جيـڏيُون، تازو پُنهـونءَ پيـر،
ويچــاري سـين وير، جتن جـيــڏوئي ڪِئو.
(حسيني 11:11)

لڪين ٻيُــون، لطيف چَئي، ٻانَهيــون ٻاروچَنِ،
سندي ذات جتن، آهي اَٻاجــهي گـهـڻــو.
(معذور 5:6)

جــتــا شــال جِئــو، جـئـو ٿــا جــاڙون ڪَريو،
ٻانيـڻ جـــو ٻروچ ري ٻيلي ناھ ٻيـــو
(ديسي 14:1)

ڏيئي ٻاھ ٻَنيــورَ کي، جَتن سين آءُ جــاندي،
آهيـــان آريـچن جي گــولـي آئون ٻَانـدي،
ڪنهن تِـينديَسِ ڪيچ ۾ هوتن سين هيـڪاندي،
ڪَرَمَ سان ڪَريم جي، ڪيـچي ٿيندم ڪانڌي.
(حسيني 12: وائي-3)

## (ب) جت ۽ ڪيچي ساڳي ڳالھ:

جَتَنِ جارانو، ڪيـچن مـون سين ڪـونَ ڪئو.
(ديسي 19:1)

وينديَسِ ڪيچ ڪَهي، سـيـڻَنِ ســاڻ صـحي،
آئـون جــــيـتديــس تـان نـه جَـــتَـن ري.
(ديسي 6 وائي-1)

وَڃي ڪيـچ قـــرارئا جَتَ پـنهـنجي جـــاءِ.
(حسيني 1:4)

منهنجي خُـــجَتَ ناهي، وات، ڪانهي وات،

جـــــيـــــجــــان تَـنِ جَـــتَنِ سين،
تازو پيـر پُنهـونءَ جـو لڙڪو منجـهــ لڙاتَ،
ڪـنديَـسِ ڪـيـچَ ڏکين لاءِ لـڪ ۾ لـولاتَ.
(حسيني 7: وائي-1)

سـوچي پَسـان ڪيچ، جـو ڏيهـ ٻاروچن جـو،
پُنهــونِ وِڏمِ پيچ، نسـوروئي نيـه جـو.
(حسيني 8:11)

ٻَلي ڪري ٽـيــوم، هيءَ سگ ٻاروچن سين،
وَچي ڪيچ ڏٺــوم، پُنيءَ لَڳي جن جي.
(حسيني 12: 12)

## (ج) جت پنهون ساڳي ڳالھ:

جَـيـڏُ جَتَ ڏارا، مـعـذور جـو مَس ٿـئي،
اڪـيـون اوتَارا، پَسـنـو رُونِ پُنهـونءَ جـا.
(آبري 10:5)

قــوڙائون فـقـيـرَ ڪي ڏنو جتن ڏات،
رفـيع الدرجَـات، پَرمَلُ پنهـون ميـڙئين.
(ديسي 5:3)

ٻـنا پُڏُ تَنِ جَڳَ، منهنجي پرت پنهونءَ سين.
(معذور 7:6)

ڪُـه سي جيـڏُ ڏينهَـڙا جي پرين پُنهـوئان ڌار،
گـهـٽـر اُڪنڊِي آهيـان، جَـتَن جي جِنسـار.
(ديسي 7: وائي-1)

مـٿـان جيءَ جَتَنِ، گـهـورئو گـهـورئي سـسَـني،
پـازي جي پُنهـونءَ جـا، ڪارون ڪري تـنِ،

ڪيچ متان ڪاڪَن، ٻي شڪري ٻَنيور جي.
(حسيني 9:22)

## (د) بلوچ- ٻروچ ۽ جت ساڳي ڳالهہ:

ڏنان جي ٻَروچَ، مون جنن هوت اکين سين.
(حسيني12:6)
لَڳمِ ٻاڻ ٻروچَ جو، وَسان تي وِيَاسِ.
(حسيني 11:17)
سو مون ٿورو لاءِ، جِنن جنري مِلان جَتَ کي.
(آبري 1:2)
جَتَن سَاڻ ذرو، نيهُ نِبيرَڻ نہ ٿئي.
(آبري 4:6)
تو جو ٻولُ ٻَروچَ، ويهي ڪنئو وٿڪارَ ۾.
(آبري 4:13)
سامونڊي ڪيئن مُئي، جنه جو جانبُ جَتَ وَٺي وِيا.
(آبري 4:22)
رَتيءَ جي رِهاڻ، جيءُ آزايم جَت سين.
(آبري 5:15)
جَت وڃي تو زور، اُپڙ تہ اوڏي ٿئين.
(آبري 8:10)
وَڃِن جَت جَڏي ڪنئو، جي وروٺهَڻَ وارا.
(آبري 8: وائي)
ڏيئي مرڃُ ڏونگرين جَتن ڪارڻ جيءُ.
(معذور 2:12)

مَـــرُ ته مـــڙين ســـــئي، چِــيڻُ آڏو جَتَ.

(معذور 3:4)

جَڙَ جاهنيم جَتَ، تنهِ ڳُجهيءَ ڳاريَم جنڊڙو.

(معذور 15:5)

جَـتَن جـا جـيـڏيون هُـئـڙَمِ سُکَ سَـرتيُـون.

(ديسي 13:1)

ڄَـالان جي جَـتَن، پوءِ پـتـانـدرڙُ هيــتـرو.

(ديسي 18:1)

لڏيندي لِبـاسُ، جَـتَنِ جـيـڏوئي کَيــو.

(ديسي1:22)

نـالي نِمـــالي، پاجــــهـــاري ٻَروچ ري.

(ديسي 2:1)

جـــاڳـــائي جَـتَنِ، گـــورا گس هَلاتَيــا

(ديسي 2:8)

لَڏائين لَطيفُ چـــئي جُـــوءِ جَتن ي جـــاءِ.

(ديسي 2:11)

آڳڻ اُهيـــــئي، جَت نـه پَـسَـــان جُـــوءِ ۾.

(ديسي 2:4)

جَتن سان جـانـکـون، سَرِتـيـون مـون سَگَ تـئـو.

(ديسي 13:4)

مـنهنجـــو وَسِ واڪـا، ٻُڌڻ کَـمُ ٻروچَ جـــو.

(ديسي 2:6)

ڦــدا ڏير ڦنگي وِئا، هُئـا جـوراڻا جَتَ،
مـاڻهـو ڏِينَمِ مَتَ، لڄَ بلوچـان نشـتـغـان.
(ديسي 6:7)

ٻانهــوتي ٻانهي، زرخـريد جتن جي.
(ڪوهياري 7:3)

ڪُسو ٻولي ٻَنِ ٻَروچُ، گـهـوري ذاتِ جتن جي.
(حسيني 2: 15)

ڏورج پاسي ڏک، ته پوي ٻاجـهـه ٻروچ کي.
(حسيني 7:3)

لڱم ٻَاڻُ ٻروچ جـو، اَمَـڙِ جـهَلِ مَرَمُـون.
(حسيني 10:6)

پـيـنـر پـلـيءِ پَت، لَڱـم ٻاڻ ٻروچ جـو.
(حسيني 11:6)

لَڱمَ ٻَاڻُ ٻروچ جـو، ڪرها تـنـا قَـزاق.
(حسيني 12:6)

رُلي پـانـيـَنـِ رانـدِ، ٻانيَـڻِ عِـشقُ ٻروچ جـو.
(حسيني 8:5)

هـاڙهي جـو بلـوچ، ڏاڍي ڪِنـه ڏُکِ مِـڙي.
(حسيني 14:7)

جَنِي مـاءِ مُـنـو، سي جَتَ نه پَـسـان جُـوءِ ۾.
(حسيني 8-وائي)

مـري ٿـينديَس مَنجھ، جَتَنِ ڪارڻ جيـڏيون.
(حسيني 19:9)
اَڄ نِـمَـــاڻا نيڻَ، ٻاجـــهــــارا ٻَروچَ ري.
(حسيني 21:9)
لائي جَڙَ جَتَنِ سين، آءُ جا چَڙهيس نيـ نظاري،
آءُ جـــا ڪُـتـــــيَسِ ڪـوهـيـــــاري،
مَنجھُ منهنجي مَنَ تي، ويـو ٻاروچـــو ٻاري.
(حسيني 9- وائي)
مـتان چـوءِ بلوچُ، ڪميڻيءَ مـان ڪين ٿيـو.
(حسيني 13:11)
پـچي پـورج سـســـئي، بـلوچـــاڻي ماهه.
(آبري 1:وائي-1)
لڪـــو ڪينَ لطيف چَـئي، ٻاروچـــو ٻني پار.
(آبري 12:3)
سُڻ تـو سَگَ نـ واتَ، ٻانيَـڻَ ٻاروچـن سين.
(آبري 11:4)
ٻنڌڻ ٻاروچن جـا، پِينگهي مَنجـهـ پِئـامِ.
(آبري 1:وائي-2)
تـان ڪِين واس وهائيـــان، ٻاروچي مُـــلا.
(آبري 7: وائي-2)
ڳـــــاهايـون هـوت ٻاروچـي ســـــاڻ-وو
مـنـهـنجي جيءَ جـــون جـــيــــڏيون.
(آبري 11: وائي-2)

جنھ گس ٻاروچا وئا سو سرتيون تان نہ سُجھي.

(ديسي 13:3)

وِئو ٻاروچو نِڪري، سُورَچڪائي ساھ

(ديسي11:4)

ٻاروچائي ذاتِ، مَنان مُٺي نہ وِسري.

(ديسي 3:5)

تہ مُون ڏينھن سنئون، جي پيھَر ٻاروچي مِڙان.

(ڪوھياري 3:8)

ٻاروچائي ذات، پسينر ٻُکي آھيان.

(ڪوھياري 7:4)

ٻانيڻ ڪي ٻروچ رہ، ٿي ڏکن سان ڏيئي.

(ڪوھياري 2:5)

وِئو ٻاروچو نِڪري، ھالي ڪَريان ڪيئن.

(حسيني 11:1)

مَتان مَتي مَچ، ٻَريئم ٻاروچَل جو.

(حسيني 2:2)

جيڪُسي باروچن، ڪر ڏنو عيب اکين سين.

(حسيني 7:4)

پڏي وَس ھُٿا، ٻاروچا ٻَنيور ۾.

(حسيني 1:5)

ھُٿا وڏي وَسَ، ٻاروچا ٻَنيورِ ۾

(حسيني 6:5)

ٻاروچا ٻَاجهہ ٻَرِئا، جو گوشي هوند گڏيام.

(حسيني 5: 14)

جَن لڳئـــو تن لَـڪشـــو ٻاروچـــائو ٻَاڻُ.

(حسيني 6:20)

جيـڪا ڪَندي نيہُ، مـون جـَن ٻاروچن سين.

(حسيني 7:9)

هاڙهي جـــو بلـوچ، ڏاڍي ڪِنہِ ڏک مِـــڙي.

(حسيني 7: 14)

# باب ٽيون

# جتڪي ۽ قديم سنڌي

جت- بلوچن جي ٻولي 'جتڪي' ۾ 'قديم سنڌي' جي خاڪي جا وڏيڪ اهڃاڻ موجود آهن. سٽاءَ جي لحاظ سان، 'جتن جي ٻولي' ۽ 'موجوده سنڌي' ۾ ايترو فرق ڪونهي، مگر 'جتڪيءَ' ۾ ڪي خصوصيتون باقي آهن جيڪي غالباً 'قديم سنڌي ٻولي' جي آثارن ۽ اهڃاڻن جون يادگار آهن. انهيءَ سلسلي ۾ هيٺيون خصوصيتون غور طلب آهن.

1. 'جتڪي' ۾ ڪافي الفاظ موجوده سنڌي لغات کان الڳ ۽ انوکا آهن، جيئن ته ڳِينهُن (ڳُهر)، جَرَ (پوٽي)، پيے ل (ننڍ)، گهيٽ (ننڍو ٻار)، نائي (سوڙ، مٽان پائڻ جي)، مَڙي (ماءُ)، اُڙ (ڏاچي) وغيره وغيره.

2. جتڪي جا ڪيترائي الفاظ اهڙا آهن جن ۾ 'ذ' يا 'ز' اُچار موجود آهي، جيڪو سنڌي ۾ اڪثر 'ه' سان بدلجي چڪو آهي.

| جتڪي | سنڌي |
|---|---|
| 1. مَازِ | ماهِ گوشت |
| 2. ميز | مينهن |
| 3. ٻيزِ | ويهه |
| 4. ڏُز | ڏهه |
| 5. اوٺيزَ | اوٺيهه |
| 6. وِيز | ويهه |
| 7. ورز | ورهيه |
| 8. ڳيذُون، ڳيدون | ڳيهُون |

9. سَزو سَھو
10. آذمي آدمي
11. سَزرو سھرو (ع. صھر)

مٿين لفظن مان 1 کان 9 تائين هند- آريائي زبانن جا لفظ آهن جن ۾ 'ھ' ۽ 'ز' جي مٽ سٽ ٿي، 10 ۽ 11 اصل ۾ عربي لفظ آهن، جن مان 10 جي دال فارسي املاءِ موجب مٽجي 'ذال' ٿي ۽ 11 ۾ 'د' ۽ 'ھ' کي 'ز' ڪري اُچاريو ويو.

**3. ضميرن جي صورت هن طرح آهي:** 'آجو' يا 'آجُون' (آءُ، آئون)، آسِي (اسين)، آتُو (تون)، اِئين (اوهين)، هو يا اُسي (هُو) ۽ هي (اِهي). انهن مان ٿي پويان ضمير بالڪل انهن صورتن ۾ موجوده سنڌي ۾ پڻ اڃان تائين رائج آهن.

**4. حروف استفهام:** ڪاڙو يا شاڙو (ڇا)، ڪاليے (ڇو)، ڪِذے (ڪٿي)، ڪيٿي يا 'ڪِيٿيے' (ڪيڏانهن)، ڪيلان (ڪڏهن)، ڪوهين (ڪيڏانهن)، ڪَاھو (ڪهڙو). انهن مان پويون حرف 'ڪاھو' اڃان تائين سنڌي ٻولي جي 'ڪوهستاني' محاوري ۾ رائج آهي. جتڪي جو 'ڪيٿي' ۽ ڏاٽڪي جو 'ڪيٿ' ساڳيا لفظ آهن ۽ ٻنهي ۾ ساڳي لغت جو قديم نشان آهن.

**5. ظرف:** مثلاً هِيٿے (هيڏانهن)، هُوٿے (هوڏانهن)، ٿاٿِن (مٿان)، ہٿاءِ (هيٺان)، ڳُذراءِ (پويان). انهن مان پهريان چارئي لفظ آڳاٽي 'مقامي سنڌي' جا آهن، باقي آخري لفظ بلوچي ٻولي (ڳُدا يا ڳُڙا) جو آهي، جنهن جي اصلي صورت مقامي محاوري جي اثر هيٺ بدلجي وئي آهي.

**6. اضافي صورتون:** مَانھُون (منهنجو)، سَانھُون (اسان جو)، توھُون (تنهنجو)، وَاهُون (هنن جو)، پانهُون (پنهنجو).

سنڌيءَ ۾ پهريون ٽي صورتون موجود آهن، مگر معنيٰ بدلجي چڪي آهي. (مَانھُون= منهنجي طرفان، سَاھُون= اسان جي طرفان، توھُون= تنهنجي طرفان).

آهن. 'جتڪي' ۾ 'ماضي مطلق' جا صيغا 'ي' جي اضافي ڪان سواءِ آهن: جئن ته 'آئو' (۽ نه آيو)، ڳالهائو (=ڳالهايو)، پيو (= بيٺو)، ڪو (= ڪيو) وغيره.

هي ڪم مين ڪو= هي ڪم مون ڪيو

هي ڪم پين ڪو= هي ڪم تو ڪيو.

هي ڪم هُوڻ ڪو= هي ڪم هُن ڪيو.

هي ڪم آئين ڪو= هي ڪم اوهان ڪيو.

غالباً 'قديم سنڌي' ۾ پڻ ماضي جي ساڳي صورت هئي ۽ ايجان تائين سنڌي ۾ ماضي لاءِ انهي سناءِ وارا الفاظ موجود آهن. ڀٽائي صاحب جي رسالي ۾ 'آئو' جو لفظ آيو آهي.

"پاڻي پتهيل ۾، اڳيون نه آئو" (سر ڏهر)

عام ٻولي ۾ 'مو'(= مئو)، 'سو'(=سنئو ٻڌو) ۽ 'چو' (چيو) جا اُچارموجود آهن.

جت- بلوچن جي قبائلي ٻولي جي مٿين مختصر جائزي مان هيٺيان نيجا نڪرن ٿا ته:

جت- بلوچ قبيلن صديون اڳ سنڌ ۾ اچڻ ۽ رهڻ سان، سنڌي ٻوليءَ جي ميلاپ سان 'جتڪي' اختيار ڪئي، انهيءَ ڪري ان جي مطالعي مان 'قديم سنڌي ٻولي' بابت هيٺيان نتيجا نڪرن ٿا.

11. جتڪيءَ ۾ 'تا' (=ٿا)، وِز (= وِجهه) وغيره جي استعمال مان گمان نڪري ٿو ته 'اڳينءَ سنڌي'۾ 'هه' سان مرڪب اچار (Aspirates) گهٽ هئا، ۽ اهي پوءِ اُسريا.

12. 'ڪ' (ڪي) تِ (تي) وغيره حرفن جي صورت وارن لفظن توڙي ماضي جي (بنا 'ي' ۽ 'ءَ' جي) 'ڪو' ، 'پو' وغيره صورتن وارن صيغن مان معلوم ٿئي ٿو ته 'قديم سنڌي' ۾ گهڻا الفاظ صحيح حرفن ۽ ننڍين حرڪتن (زير، زبر، پيش)

سان مرڪب هئا، ۽ انهن ۾ (ا، و، ي) جي زائد اُچارن جو استعمال نسبتاً گهٽ هو.

13. 'ڪَڙو' (هڪڙو)، ڪَڙي (هڪڙي) وغيره لفظن جي سٽاءَ ڏيکاري ٿو ته سنڌي اچارن ۾ 'هه' جو ضمني اضافو نسبتاً پوئين دور ۾ ٿيو. موجوده دور جي مطالعي مان پڻ ظاهر آهي ته سنڌي لفظن ۾ 'ن'، 'ه'، 'ء' ۽ 'ي' جو اضافو گذريل سؤ کن سالن کان وٺي گهڻو وڌيو آهي.

# پاڳوبيو

## جــــتــــڪيءَ جــــو گــــرامــــر

# باب چوٿون

## اســــــــم

1. جتڪيءَ جا گھڻا اسم سپ ساڳيان سنڌيءَ وارا آھن پر ڪي نالا اصلي آڳاٽي ٻوليءَ جا آھن.ھيٺ اُنھن خاص نالن وارا ڪي اسم ڏجن ٿا.

| | |
|---|---|
| ڳِينھُن (ن غُنو)= گھر | گھيٽ(گھے ٽ)= ٻار |
| ميز (مے ز)= مينھن | جَرَ= ڪپڙو، لباس |
| سَرو= سھو | پَلو= پائينچو، پاڳو |
| پَلھَڙ= توبرو، آھرو | پِينگھُڙ= پينگھو |
| پَل= ڪسي | سُٽرَاٽِي= وڏي سوئي (سَوَڙ سبڻ واري) |
| چِيِٽ= چِيڙ | رِزاڻ= ٿانو |
| سُتِر= سٽ | ڪَنجَلي= ڪنڌي |
| ڏَال= رب، ڪس | مَٽيو ڪو= موتي |
| ڪَرشو= گڏون | مھندر= ريشمي گلن وارو ڏاڳو جيڪو جانورن جي ڳچيءِ ۾ ٻڌجي |
| ڪينھوڙو= ٻال | ھَرڪَارو= ڪَڙاھي، پتيلي |
| شوشَاڪو= ڪوريٽڙو | اُز= لوھ |
| وَزه= چربي | مِڪلِي= ڪِولي |
| وِزه= زھر/ وِھ | چِذَاڻ/ گولي= توڏي |
| بِغاٽو= بگھڙ | ڪِرانڪ= ڪاٽو |
| مَاز= ماس | گاز= گاھ |
| ڪويو= ڪوئو | ٿُلي= جوئو |
| ٿونھُون= ٿوھر | ڪُراڙِي= ڪھاڙي. |

گوربَند= ڇاتي پٽو
ڪَرڪَا= ڇڙا
جهُوريُون= سينگار جو سامان (گوربند لاءِ)
ٻَاهورتا= گوڏي مٿان ٻڌل
لانتي= اُٺ جي نڪ جو ڪوڪو.
ڪِيٽي (ڪيے ٽي)= مُهار
چمر/ سَرمَال= ڪيٽي سان ٻَڌل گِرانٺ جيترو ڌاڳو.
ڦَالهي= اُٺ جي پير جو ننهن.
وِٹهَ= جالنگ (جيڪا ڏاچي جي ٽٽن تي چاڙهبي آهي)
ڪوڪِي= ٻنهي ڪُکن (پاسن) کان ڦيرايل رنگين ڌاڳا (سينگار لاءِ)
سَاپَاغي= ڪنڌ کان ڦيرائي ڪوڪي سان ٻڌل رنگين ڌاڳا. (سينگار لاءِ)

## (ب) زيور

رَم زول= پير ۾ پائڻ جو زيور
مُندري= منڊي
الِي= ٽڪلو (مٿي جو)
ڏَرِيچَا= ڪَن جي والي (گول پني سان)
ڏيوڙي= ڪن ۾ پائڻ جون واليون.

## (ج) مائٽيون

سَزرو= سهرو سَزري= سس
پَانتريو= پائٽيو پانِتري= پاڻيٽي
ڏوهترو= ڏوهٽو ڏوهتري= ڏوهٽي
پوترو= پوٽو پوتري= پوٽي
نشَارَ= ننهن

## (د) گهر جو سامان

ڏوئِلو= وڏي ڏوئي
نِهرو= چوِنريون وغيره ٽنگڻ لاءِ اَڪ جو شاخن وارو ٻند

رِزان= ٿانو
چيتِ (چي تِ)= ٽپڙي، وراٽي
گيچڻ= پڙڻ
ڪِلي مُهلي= اُڪري مهري
جَندر= جنڊ
دوڻَ= ماٽ
زَهٽو= وهاٽو
نَائي= سوڙَ
بوف/ بوو= پٽراٽي
پڙ= پٽڪ، رلي وغيره جو پاسو
ليه= لهُ
تنگَڻا= ڪالر يا چولن جي ڳچي ڪي ٻڌل ڌاڳا (سينگارڻ لاءِ)
ڦدوخَ= چولي جو ڪيسو
بوذبر= ڪَنجُڙو (آجرڪ جي ٻن پاسن کي ڳنڍڻ وارو پٽ)

## (ھ) مال متاع، جھنگ جھر

ڪِيروٽ= [illegible]
تورڙو= رسي جو ننڍو ٽڪر
ميڙهه (مي ڙهه)= هَلر لاءِ وڄ واري ڪاٺي
ميڙهي= هَلر وارو ڏنگو، جيڪو ميڙهه سان لڳ ڦرندو آهي.
رَنڊو= رسو، بند
ڳانڊيا= وٽيل رنگين سڳا، جانورن جي سينگار لاءِ
سيهلي= ڳاني
گهينگهريا= گهينگهرا

# باب پنجون

## صـــــــــفـت

صفت يعني اهو لفظ جو ڪنهن اسم يا ضمير سان لاڳو ٿئي، ۽ هن جي خاصيت يا وڌيڪ حقيقت ڄاڻائي.

**(الف)** صفتن جي پٽي مذڪر ۽ مؤنث جي صورتن ۾

**مذڪر**

| واحد | جمع |
|---|---|
| سَرائو (سُهٽو) | سَرآوَا (سُهٽا) |
| گورَڳِ (گورو. .نگ جو) | گورَڳِ (گورا) |
| لَمُون (ڊگهو) | لَمان (ڊگها) |
| پَترِڙو (پتڙو) | پَترِڙا (پتڙا) |
| چَغُون (چڱو) | چَغُان (چڱا) |
| ويڪِلو (ويڪرو) | ويڪِلا (ويڪرا) |
| موڪِلو (موڪرو) | موڪِلا (موڪرا) |
| ڪَالو (ڪارو) | ڪَالاَ (ڪارا) |
| ٽولو (ٽورو) | ٽولا (ٽورا) |
| ڪؤڙو (ڪڙو) | ڪؤڙا (ڪڙا) |
| ڪوٽو (ننڍو) | ڪوٽَا (ننڍا) |
| ڪُرشالو (ڏنگو. لچو) | ڪُرشَالا (ڏنگا. لچا) |
| سِهٽُو (سنهو) | سِهٽا (سنها) |
| ٻِيٽُون (ٻچو) | ٻِيٽان (ٻچا) |

## مؤنث

| جمع | واحد |
|---|---|
| سَرايُون (سُهڻيون) | سَرائي (سُهڻي) |
| گورَگِ (گوريون) | گورَگِ (گوري، رنگ جي) |
| لَمُيون (ڊگهيون) | لَمي (ڊگهي) |
| پَترِڙيون (پتڙيون) | پَترِڙي (پتڙي) |
| چَفُيون (چڱيون) | چَفي (چڱي) |
| وِيڪلِيون (ويڪريون) | ويڪلي (ويڪري) |
| موڪِليون (موڪريون) | موڪِلي (موڪري) |
| ڪَاليون (ڪاريون) | ڪَالي (ڪاري) |
| توليون (توريون) | تولي (توري) |
| ڪؤڙيون (ڪڙيون) | ڪؤڙي (ڪڙي) |
| ڪوتيون (انڌيون) | ڪوتي (انڌي) |
| ڪُرشَاليون (ڏنگيون، لچيون) | ڪُرشالِي (ڏنگي، لچي) |
| سِهڻيون (سنهيون) | سِهڻي (سنهي) |
| ٻِيٺيون (ٻجهيون) | ٻِيٺي (ٻجهي) |

## (ب) جملن ۾ استعمال

- پرت هيجو سَرائو سبيل هَز= پرت هن جو سهڻو سبيل آهي.
- اُٹَ ڇِيزو گورگَ= اٹ جهڙو گورو
- چولو تو ڳا لَمون شِي پيو ڪِيَان= چولو تو ڪان ڊگهو تي پيو ڇا؟
- ٻوڙِصفا پَترڙو شِي وَهو= ٻوڙ صفا پتڙو ٿي ويو.

- پين لِکَڻ جو ڪمِ چَغُون ڪو= تون لکڻ جو ڪم چڱو ڪيو.
- مظهر ڳَاجوتو ويڪَلو هَز= مظهر ڪان جوتو ويڪرو آهي.
- هے بُلتِ نَلي ڳَا موڪِلو هَز= هي بلت نلي ڪان موڪرو آهي.
- ڳُل پَاڻِ لِيا ڪَالو وڌو ٺَهَرائو= ڳل پنهنجي لاءِ ڪارو وڏو ٺهرايو.
- عقل وارے ليا تولو اِشاروئي ڪَافي هَز= عقل واري لاءِ ٿورو اشاروئي ڪافي آهي.
- سِڙَي وِچڻ ڪري ٻوڙ ڪَوَڙو شِي پيو= سڙي وڃڻ ڪري ٻوڙ ڪڙو ٿي پيو.
- وسيم،مظهر ڳَا ڪرتو هَز= وسيم، مظهر ڪان ننڍو آهي.
- ڪَرِيمِ ڏَاڍو ڪُرشَالو شيندو وِچي= ڪريم ڏاڍو ڏنگو ٿيندو وڃي.
- هِيڻ سِهٹو پَرت پَرو= هِن سنهو پرت پريو.
- اَتو تہ صفا ٻيٺُون هَز= تون تہ صفا ٻڇڙون آهين.

## (ج) صفت جون ڪجهہ ٻيون صورتون

| | |
|---|---|
| هيلوٹڪو= هاٺوڪو | تِلَ جيٺون= ترجيترو |
| گهَيٽَائو= ٻاراٺو | اِڙہ جيزو= ڏاچي جهڙو |
| سيلتوٹڪو= سياٺڪو | لَويلو= اويرو |

# باب ڇهون

## اضـــــافت

(الف)

| | واحد | جمع |
|---|---|---|
| متڪلم | مَاهُون= منهنجو | ساهون= اَسانجو |
| حاضر | توهُون= تنهنجو | وَاِن هُون= اوهان جو |
| غائب | هوجو= هُن جو | هوجَان جو= هُنن جو |

پيون صورتون:

| | |
|---|---|
| هي جو= هن جو | هي جَان جو= هِنن جو |
| وِي جو= ان جو | وِي جَان جو= اِنهن جو |

(ب)

| | واحد | جمع |
|---|---|---|
| متڪلم | مَاهَان= منهنجا | سَاهَان= اَسانجا |
| حاضر | توهَان= تنهنجا | وَاِن هَان= اوهان جا |
| غائب | هوجَا= هُن جا | هوجَان جا= هُنن جا |

پيون صورتون:

| | |
|---|---|
| هي جا= هن جا | هي جَان جا= هِنن جا |
| وِي جا= ان جا | وِي جَان جا= اِنهن جا |

(ج)

| | واحد | جمع |
|---|---|---|
| متڪلم | مَاهِين= منهنجي | سَاهِين= اَسانجي |
| حاضر | توهِين= تنهنجي | واِن هُين= اوهان جي |
| غائب | هوجي= هُن جي | هوجَان جي= هُنن جي |

پيون صورتون:

هي وِي جي ميز هَز= هي اِن جي ميِنهن آهي.
هي سَان هِين ميز هَز= هي اسان جي ميِنهن آهي.
هي وَان هَين ميز هَز= هي اوهانجي ميِنهن آهي.
هي هوڃَان جي ميز هَز= هي هُنن جي ميِنهن آهي.
هي هي ڃَان جي ميز هَز= هي هِنن جي ميِنهن آهي
هي وِي ڃَان جي ميز هَز= هي اِنهن جي ميِنهن آهي.

# باب ستون

# ضـــمـــيـــر

جتڪيءَ ۾ ضمير خالص، ضمير اشاري ۽ ضميري حالتن ۾ ضميري پچاڙين جا مثال هيٺ ڏجن ٿا.

## (الف) ضمير خالص

| ضمير | واحد | جمع |
| --- | --- | --- |
| متڪلم | آئون= آءٌ | اَسي= اسان، اسين |
| حاضر | اَتو= تون | اَئين= اوهين، اوهان |
| غائب | هو (بنا پيش)= هُو، هُوءَ | هو= هُو |

## (ب) ضمير اشارو

**قريب:**

| واحد | جمع |
| --- | --- |
| هي= هِي | هي= هي |
| هِيڻ= هِن | هي جَاڻ= هِنن |
| وِيڻ= تنهن، اُن | وِيجَاڻ= اِنهن |

**بعيد:**

| واحد | جمع |
| --- | --- |
| هُوڻ= هُن | هوجَاڻ= هُنن |
| اُسي= اُهو، اُها | اُسي= اُهي |

تِيں= تنهن، اُن تيجَاڻ= اُنهن، تنهين

## (ج) ضمري حالتون

### ضمير متڪلم:

| | واحد | جمع |
| --- | --- | --- |
| 1. حالت فاعلي (فعل لازمي) | | اَجون= آءُ اَسِي= اسين، اسان |
| 2. حالت فاعلي (فعل متعدي): | مين= مون، مان | (جمع، لازمي ۽ متعدي ۾ ساڳيو) |
| 3. حالت مفعولي: | مَاڪِ= مونکي | سَاڪِ= اسانکي |
| 4. حالت اضافت: | مَانهون= منهنجو | سَانهون= اسانجو |
| 5. حالت جري: | ماڳا =مون ڪان، مون مان | سَاڳا= اسان ڪان، اسان مان |

### جملي ۾ مثال:

| واحد | جمع |
| --- | --- |
| اَجون ٻينوس (ٻے نوس)= آءُ ويندس | اَسِي ٻينَاسان= اسان وينداسين |
| مين ڏِٺو= مون ڏٺو | |
| مَاڪِ ڏينهَن (ڏے هَن)= مونکي ڏي | سَاڪ ڏينهَن (ڏے هَن)= اسانکي ڏي |
| مَانهون ڳينهَن= منهنجو گهر | سانهون ڳينهَن= اسانجو گهر |
| مَاڳا پَاڙَائين= مون ڪان ورتائين | سَاڳا پَاڙَائين= اسان ڪان ورتائين |

### ضمير حاضر

| واحد | جمع |
| --- | --- |
| اَتو ٻينو هَن (ٻے نوهَن)= تون وينو آهين | اَئين ٻينَاس (ٻے ناس)= اوهين وينا آهيو |

| | |
|---|---|
| پين ڏٺو= تو ڏٺو | وَاڪِ ڏٺائين= توهانکي ڏٺائين |
| توڪِ ڏٺائين= توکي ڏٺائين | وَان هُون ڳينهُن= توهانجو گهر |
| تو هُون ڳينهَن= تنهنجو گهر | وَاڳا پَاڙائين= توهان کان ورتائين |

## ضمير غائب

| | واحد | جمع |
|---|---|---|
| فاعلي (فعل لازمي): | هو= هُو، هوءَ | هو= هُو |
| (فعل متعدي): | هُوڻ= هُن | هوجَاڻ= هنن |
| مفعولي : | هوڪِ= هُن کي | هوجَانڪِ= هنن کي |
| اضافت: | هوجو= هُن جو | هوجَان جو= هنن جو |
| جري | هوڳا= هُن کان، هن مان | هوجَان ڳا= هنن کان، مان |

## جملي ۾ مثال

| واحد | جمع |
|---|---|
| هو پينو= هو ويٺو | هو پينا= هو ويٺا |
| هوڻ ڏٺو= هُن ڏٺو | هوجَاڻ ڏٺو= هُنن ڏٺو |
| هوڪِ ڏينهَن (ڏيـ هَن)= هن کي ڏي | هوجَان ڪِ ڏينهَن= هنن کي ڏي |
| هوجو ڳينهن= هن جو گهر | هوجَان جو ڳينهِن= هنن جو گهر |
| هوڳا پَاڙ= هُن کان وٺ | هوجَان ڳا پَاڙ= هنن کان وٺ |

## (د) هئڻ جي معنيٰ واريون ضميري پڇاڙيون

جتڪيءَ ۾ 'آهي، آهن، آهيان، آهيون' جي معنيٰ لاءِ هڪ خاص لفظ 'هَز'

آهي جيئن ته:

| | |
|---|---|
| ڪِتابَ هَز= ڪتاب آهي | ڪتابَ هَز= ڪتابِ آهن |
| اَسي هَز= اسان آهيون | اَجون هَز= آءِ آهيان |

2. 'اٿم' يعني منهنجي قبضي ۾ ڪا شيءِ آهي، جي اظهار لاءِ 'هَز' سان لازمي طرح ٻيو جوڙ لفظ 'مِلَڻ' مصدر مان لاڳو ٿيندو، جيئن ته:

| | |
|---|---|
| هَز مِليَئين= اٿم | هَز ميليَئون= اٿون |
| هَز مِليوءِ= اٿيئي | هَز مليومِ= اٿوِ |
| هَز مِليوسِ= اٿس | هَز مِليوڻِ= اٿن |

## جملن ۾ استعمال

ڪِتابَ هَز مَليَئين= ڪتاب اٿم

ڪِتابَ هَز مِليئون= ڪتاب اٿون.

ڪِتابَ هَز مِليوءِ= ڪتاب اٿئي

ڪِتابَ هَز مِليومِ= ڪتاب اٿوِ

ڪتاب هَز مِليوسِ= ڪتاب اٿس

ڪِتابَ هَز مِليوڻِ= ڪتاب اٿن

## (هـ) ٻين فعلن جون ضميري پڇاڙيون

| واحد- متڪلم | جمع- متڪلم |
|---|---|
| ڪيے مِ (ڪيم) | ڪُون (ڪيوسين) |
| لڪيے مِ (لڪيم) | لِڪُون (لڪيوسين) |

| | |
|---|---|
| چي مِ (چيم) | چُون (چيوسين) |
| پڙهي مِ (پڙهيم) | پڙهُون (پڙهيوسين) |
| رڏي مِ (رڏيم) | رَڏُون (رڏيوسين) |
| ڏِيَاري مِ (ڏياريم) | ڏِيَارُون (ڏياريوسين) |
| رَڙائي مِ (رڙايم) | رَڙائُون (رَڙايوسين) |
| وهائي مِ ( وهاريم) | وَهَائُون (وهاريوسين) |
| مارائي مِ (مارايم) | مَارَائُون (مارايوسين) |
| رَنگائي مِ (رنگايَمِ) | رَنگائُون (رنگايَوسين) |
| سُمهَاري مِ (سمهاريم) | سُمهَارُون (سمهاريوسين) |
| **واحد- حاضر** | **جمع- حاضر** |
| ڪوءِ (ڪيئه) | ڪومِ (ڪيَو) |
| لکوءِ (لکيئه) | لِکومِ (لکيَو) |
| چوءِ (چيئه) | چومِ (چيَو) |
| پڙهوءِ (پڙهيئه) | پڙهومِ (پڙهيَو) |
| رَڏوءِ (رڏيئه) | رڏومِ (رڏيَو) |
| ڏِياروءِ (ڏياريئه) | ڏِيارمِ (ڏياريَو) |
| رَڙائوءِ (رڙايئه) | رَڙَائومِ (رڙايَو) |
| وَهائوءِ (وهايئه) | وَهَائومِ (وهايَو) |
| مَارائوءِ (مارايئه) | مَارَائومِ (مارايوَ) |

| | |
|---|---|
| رنگائوءِ (رنگايئہ) | رَنگائومِ (رنگايَں) |
| سَمهاروءِ (سمهاريئہ) | سُمھَارومِ (سمھاريَں) |
| **واحد- غائب** | **جمع- غائب** |
| ڪَانئين (ڪيائين) | ڪَاھَڻ (ڪيائون) |
| لِڪائين (لڪيائين) | لِڪَاھِڻ (لڪيائون) |
| چَانئين (چيائين) | چَاھِڻ (چيائون) |
| پَڙهَائِين (پڙهيائين) | پَڙهَاھِڻ (پڙهيائون) |
| رَدَّائِين (ردّيائين) | رَدَّاھِڻ (ردّيائون) |
| وَھَاوَائِين (وهايائين) | وَھاوَاڻ (وهايائون) |
| مَاراوَ ائين (مارايائين) | مَاراوَاهِڻ (مارايائون) |
| رَنگاوِائين (رنگايائين) | رَنگا واھِڻ (رنگايائون) |
| سُمهارَائين (سمهاريائين) | سُمارَاهِڻ (سمهاريائون) |

## (و) اسم سان لڳندڙ ضميري پڇاڙيون

- پيٺَاءِ= تنهنجي پيٺ — پيٺُونءِ= تنهنجون پيٺون
- پيٺَامِ= توهانجي پيٺ — پيٺومِ= توهانجون پيٺون
- پيٺَاسِ= پيٺِس — پيٺوسِ= هن جون پيٺيون
- پيٺُونِ= هنن جي پيٺ

- پَائوءِ ڪِچو= (پنهنجي) پاءُ کي چٺو — پَائنان ڪِچو= (پنهنجي پائرن کي چٺو)
- پائوسِ ڪِچيے سِ= پائس کي چٺو — پَائاسِ ڪوهين وَھا= (هن جا) پائر ڪاڏي ويا

| | |
|---|---|
| ● ماموءِ= تنھنجي مامي | ماماءِ= تنھنجا ماما |
| مامومِ= توھانجي مامي | مَامَامِ= توھانجا ماما |
| مَاموسِ= ھن جي مامي | مَامَاس= ھن جا ماما |
| مَامونِ= ھنن جي مامي | مَامَانِ= ھنن جا ماما |
| ● مَامِيَاءِ= تنھنجي مامي | مَامِيُونءِ= تنھنجون ماميون |
| مَاميومِ/ مَامِيَامِ= توھانجي مامي | ماميُون مِ= توھانجون ماميون |
| مَامِيوسِ/ مَامِيَاسِ= ھن جي مامي | ماميُون سِ= ھن جون ماميون |
| ماميُونِ= ھنن جي مامي | ماميُونِنِ= ھنن جون ماميون |
| ● مَھڙاءِ/ مَھڙوءِ= تنھنجي زال | مَھڙُونءِ= تنھنجون زالون |
| مَھڙومِ/ مَھڙامِ= توھانجي زال | مَھڙُون مِ= توھانجون زالون |
| مَھڙاسِ/ مَھڙوسِ= ھن جي زال | مَھڙون سِ= ھن جون زالون |
| مَھڙُونِ= ھنن جي زال | مَھڙُونِ= ھنن جون زالون |
| ● چَاچوءِ= تنھنجي چاچي | چَاچَاءِ= تنھنجا چاچا |
| چَاچومِ= توھانجي چاچي | چَاچَامِ= توھانجا چاچا |
| چاچوسِ= ھن جي چاچي | چَاچَاسِ ھن جا چاچا |
| چَاچونِ= ھنن جي چاچي | چَاچَانِ= ھنن جا چاچا |
| ● چَاچِياءِ= تنھنجي چاچي | چَاچِيونءِ= تنھنجون چاچيون |
| چاچيومِ/ چَاچِيامِ= توھانجي چاچي | چاچيون مِ= توھانجون چاچيون |
| چَاچِيوسِ/ چَاچِياسِ= ھن جي چاچي | چَاچِيُون سِ= ھن جون چاچيون |

چَاچيُوڻِ= هنن جي چاچي چَاچيونڻ= هنن جي چاچين.

- ڏاڏوءِ= تنهنجو ڏاڏو ڏاڏاءِ= تنهنجا ڏاڏا

ڏاڏومِ= توهانجي ڏاڏي ڏاڏامِ= تنهنجا ڏاڏا

ڏاڏوسِ= هن جي ڏاڏي ڏاڏاسِ= هن جا ڏاڏا

ڏاڏوڻِ= هنن جي ڏاڏي ڏاڏاڻِ= هنن جا ڏاڏا

# باب اٺون

## عـــدد: واحـــد ۽ جـــمع

اسمن جي واحد ۽ جمع صورتن جا مثال هيٺ ڏجن ٿا.

**(الف)** ڪن اسمن جي جمع واري صورت ۾ آخري حرف جي مٿان زبر ايندي.

| واحد | جمع |
| --- | --- |
| ڪِرانڪ= ڪانو | ڪِرانڪَ= ڪانوَ |
| ناءِ= نالو | نايَ= نالا |
| مِهندِر=خوبصورت وڏيل ڏاڳو | مِهندَر= خوبصورت وڏيل ڏاڳا |
| رِزانڻ= ٽانو | رِزانڻَ= ٽانوَ |

**(ب)** مؤنث اسمن جي جمع واري صورت 'اون' جي آوازن سان ٺيندي.

| واحد | جمع |
| --- | --- |
| پيل (پے لَ)= ننڍ | پيلُون (پے لُون)= ننڍون |
| ڪُنڍَ= گوڏو | ڪُنڍون= گوڏا |
| ميز (مے زَ)= مينهن | ميزُون (مے زون)= مينهون |
| اُڙهہ= ڏاچي | اڙهُون= ڏاچيون |
| گوِلِيُ/ چِڏانڻ= توڏي | گوليُون/ چڏاٺون= تو ڏيون |
| جَرَ= پوشاڪ | جَرُون= پوشاڪُون |
| ڪُراڙِي= ڪُهاڙي | ڪُرَاڙيُون= ڪهاڙيون |
| مِڪِلي= ڪولي | مِڪليُون= ڪِوليون |

1. مٿين صورتن مان معلوم ٿيو تہ سنڌي وانگر مؤنث اسم، جن جي آخري حرف تي زير هوندي تن جو جمع آخر ۾ 'اون' سان ٿيندو ۽ اهي مؤنث اسم جن جي آخر ۾ 'ي'، هوندي تن جو جمع آخر ۾ 'يون' جي پڇاڙي سان ٿيندو.

2. جتڪيءَ ۾ جمع واريون ڪي صورتون نراليون آهن جيئن:

| واحد | جمع |
|---|---|
| ڪُنڊَ (گوڏو) | ڪُنڊاڻ (گوڏن) |
| اک (اک) | اَکياڻ (اکين) |
| پير (پير) | پيراَڻ (پيرن) |
| هٿ (هٿ) | هٿاڻ (هٿن) |
| ڪن | ڪَناڻ (ڪنن) |
| آنڱلِي (آڱر) | آنڱلياَڻ (آڱرين) |

عدد شماري: جتڪي ۾ عدد شماري گهڻو ڪري ساڳيا سنڌي عددن وارا آهن، جيئن تہ چار، پنج، ڇهہ، اٺ، نو، يارهن، ٻارهن، اٺين ويندي ارڙهن تائين ۽ پڻ ايڪيهہ کان اوڻٽيهہ تائين. البتہ جتڪيءَ ۾ سورهن بدران سولهن چئبو. اٿي عدد شماري هڪ کان ٽن تائين ۽ پيا جيڪي هيٺ ڏنل آهن سي خاص طرح نج جتڪي صورت وارا آهن.

| مذڪر | مثال |
|---|---|
| ڪَڙو= هڪڙو، هڪ | ڪڙو ڳِينهَن= هڪڙو گهر |
| ٻَيهہ(ٻيے هَ)= ٻہ | ٻيهہ ڳِينهَن= ٻہ گهر |

| | |
|---|---|
| ترِ= ٽي | ترِ ڳينهن= ٽي ڳهر |
| ڏَرَ= ڏهہ | ڏَرَ ڳينَهن= ڏهہ ڳهر |
| سولِهن= سورهن | سولِهن ڳينهَن= سورهن ڳهر |
| اُٺيزَ= اوٺيهہ | اُٺيزَ ڳينهن= اوٺيهہ ڳهر |
| وِيزَ= ويهہ | وِيز ڳينهن= ويهہ ڳهر |
| ترِيزَ= ٽيهہ | ترِيز ڳينَهن= ٽيهہ ڳهر |
| **مؤنث** | **مثال** |
| ڪَڙي= هڪڙي | ڪَڙي اُڙه= هِڪڙي ڏاچي |
| ٻَيهہ(ٻے هہَ)= ٻہ | ٻيهہ اُڙُون= ڏاچيون |
| ترِ= ٽي | ترہ اُڙُون= ٽي ڏاچيوِن |
| ڏَرَ= ڏهہ | ڏَرَ اُڙُون= ڏهہ ڏاچيون |
| سولِهن= سورهن | سولِهن اُڙُون= سورهن ڏاچيون |
| اُٺيزَ= اوٺيهہ | اُٺيزَ اُڙُون= اوٺيهہ ڏاچيون |
| وِيزَ= ويهہ | وِيزَ اُڙُون= ويهہ ڏاچيون |
| ترِيزَ= ٽيهہ | ترِيز اُڙُون= ٽيهہ ڏاچيون |

معلوم ٿيو تہ 'هڪ' جي عدد شماري ۾ مذڪر مان مؤنث جي صورت سنڌي وانگر (يعني هڪڙو، هڪڙي) ڪڙو مان ڪڙي ٿئي ٿي. باقي عدد مذڪر ۽ مؤنث ٻنهي ۾ ساڳيا آهن.

(ب) عدد قطاري: عدد شماريءَ وانگر عدد قطاري بہ ڪن ٿورن ڪانسواءِ سڀ

ساڳيا سنڌي وارا آهن. باقي هڪ ڪانسواءِ مٿين ساڳين عدد شماري جا عدد قطاري هيٺ ڏجن ٿا.

| مذڪر | مثال |
|---|---|
| ٻيو= ٻيون | ٻيو گهيت (گهيـ ٿ)= ٻيو ٻار |
| ترِيُون= ٽيون | ترِيُون گهيت (گهيـ ٿ)= ٽيون ٻار |
| ڏُزون=ڏهون | ڏُزون گهيت (گهيـ ٿ)= ڏهون ٻار |
| سولَهُون= سورهون | سولَهُون گهيت (گهيـ ٿ)= سورهون ٻار |
| اُٺيزُون= اوڻيهون | اُٺيزون گهيت (گهيـ ٿ)= اوڻيهون ٻار |
| وِيزون= ويهون | وِيزون گهيت (گهيـ ٿ)= ويهون ٻار |
| ترِيزَ= ٽيهون | ترِيزون گهيت (گهيـ ٿ)= ٽيهون ٻار |

| مؤنث | مثال |
|---|---|
| ٻي= ٻين | ٻي اُڙه= ٻي ڏاچي |
| ترِين= ٽين | ترِين اُڙه= ٽين ڏاچي |
| ڏُزين= ڏهين | ڏُزين اُڙه= ڏهين ڏاچي |
| سولهين= سورهين | سولهين اُڙه= سورهين ڏاچي |
| اُٺيزين= اوڻيهين | اُٺيزين اُڙه= اوڻيهين ڏاچي |
| وِيزين= ويهين | وِيزين اُڙه=ويهين ڏاچي |
| ترِيزين= ٽيهين | ترِيزين اُڙه= ٽيهين ڏاچي |

(ج) گهٽين ٻيرن يا گهٽين شين ڏيکارڻ لاءِ عدد:

| مؤنث | مثال |
|---|---|
| ڪَلَ= هيڪر | ڪَلَ آيو= هيڪر اچ |
| ٻَيلَ (ٻيے لَ)= ٻيھر | ٻيلَ آيو= ٻيھراچ |
| ٽِيلَ (ٽيے لَ)= ٽيھر | ٽيلَ آيو= ٽيھراچ |

ٽن کان مٿي ڪنهن شيءِ ڏيڪارڻ لاءِ، ساڳي سنڌي وانگر چئبو جيئن ته:

چوٿون چڪر آيو= چوٿون پيرو اچ

پَنجُون چڪر آيو= پنجون پيرو اچ

ڇھون چڪر آيو= ڇھون پيرو اچ

سَتُون چڪر آيو= ستون پيرو اچ

اٺون چڪر آيو= اٺون پيرو اچ

نائون چڪر آيو= نائون پيرو اچ

ڏزون چڪر آيو= ڏھون پيرو اچ

اُٺيزون چڪر آيو= اوڻيھون پيرو اچ

وِيزون چڪر آيو= ويھون پيرو اچ

ٽريزون چڪر آيو= ٽيھون پيرو اچ

(د) حالت فاعليءَ ۾ عدد شماري ۽ عدد قطاري جون صورتون:

1. عدد قطاري ٿوري شماري ۾ فقط 'ھڪ' جي عدد لاءِ جنس مذڪر ۽ جنس مؤنث هيٺئين طور فرق ٿيندو.

جنس مذڪر: ڪَڙي (ڪڙے)= ھڪڙي ڪڙے جو= ھڪڙي نيو

جنس مؤنث: هڪڙي (هڪِڙي)= هڪڙي هڪڙي جو= هڪڙي نيو

**2.** عدد قطاري توڙي شماري ٻنهي جي حالت فاعلي ۾، جنس مذڪر توڙي مؤنث جي صورت ساڳي بيهندي.

| | |
|---|---|
| ٻڻ= ٻن | ٻڻ جو= ٻن نيو |
| ترڻ= ٽن | ترڻ جو= ٽن نيو |
| چڙ= چئن | چڙ جو= چئن نيو |
| پَنجاڻ= پنجن | پَنجاڻ جو= پنجن نيو |
| ڇَهاڻ= ڇهن | ڇَهاڻ جو= ڇهن نيو |
| سَتاڻ= ستن | سَتاڻ جو= ستن نيو |
| اَٺاڻ= اَٺن | اَٺاڻ جو= اَٺن نيو |
| نَواَڻ= نون | نَواَڻ جو= نون نيو |
| ڏَزَاڻ= ڏهن | ڏَزَاڻ جو= ڏهن نيو |

**3.** مٿين ساڳي عددن جي تاڪيدي صورت هيٺئين طور ٿيندي.

| | |
|---|---|
| ٻڻوڻ= ٻنهي | ٻڻوڻ جو= ٻنهي نيو |
| تروڻ= ٽنهي | تروڻ جو= ٽنهي نيو |
| چڻوڻ= چئني | چڻوڻ جو= چئني نيو |
| پنجاڻ ئي= پنجن ئي | پنجاڻ ئي جو= پنجن ئي نيو |
| ڇهاڻ ئي= ڇهن ئي | ڇهاڻ ئي جو= ڇهن ئي نيو |
| سَتَاڻ ئي= ستن ئي | سَتَاڻ ئي جو= ستن ئي نيو |

| | |
|---|---|
| آناڻ ٿي= آئن ٿي | آناڻ ٿي جو= آئن ٿي نيو |
| نَوآڻ ٿي= نون ٿي | نَوآڻ ٿي جو= نون ٿي نيو |
| ڏَزاڻ ٿي= ڏهن ٿي | ڏَزاڻ ٿي جو= ڏهن ٿي نيو |

**(هه) جنس**

ا. هن ڪان اڳ اسم جي باب هيٺ جتڪيءَ جا نرالا خاص اسم ڏنا ويا آهن جن مان ڪي مذڪر ۽ ڪي مؤنث آهن. اهي مذڪر اسم جيڪي جتڪي ۽ سنڌي ۾ مشترڪ آهن تن جون مؤنث واريون صورتون ٻه ساڳيون سنڌي وارين ٿينديون جيئن ته:

| مذڪر | مؤنث |
|---|---|
| سوالي | سوالڻ |
| ڪتي | ڪتياڻي |
| جت | جتڻ، جتڻي |
| رهاڪو | رهاڪڻ |
| ٻڪر | ٻڪري |
| ٻلو | ٻلي |
| چيلو | چيلي |
| پاڏو | وڄ |

2. جتڪيءَ ۾ ڪن خاص مذڪر اسمن جا ضد مؤنث اسم هيٺين طور ٿيندا:

| مؤنث | مثال |
|---|---|
| مڙس/ مڙ= آدمي، مڙس | زَالَ= زال، عورت |
| اَبو= پيءُ | مَڙي= ماءُ |
| ٽينگو (ٽي نگو)= پٽ | ڌي (ڌي)= ڌيءُ |
| ليڙو (لي ڙو)= اُٺ | اُڙه= ڏاچي |
| سَرو= سهرو | سَرِي= سهري، سس |

3. 'او' جي اُچار وارن مذڪر اسمن جي پڇاڙي 'اِي' جي اُچار اچڻ سان مؤنث ٿيندي آهي، جيئن ته:

| مذڪر | مؤنث |
|---|---|
| گرلو= اٺ جو نر ٻچو | گرلي= اٺ جو مادي ٻچو |
| ڪُراڙو= ڪهاڙو | ڪُراڙي= ڪهاڙي |
| ماڪوڙو= ماڪوڙو | ماڪوڙي/ مِڪلي= ڪولي |
| مُترڪر= هٿوڙو | مِترڪي= هٿوڙي |

هتي اهو ڄاڻائڻ ضروري آهي ته عدد شماري ۽ عدد قطاري ۾ جنس مذڪر ۽ مؤنث جا مثال مٿي عددن جي عنوان هيٺ ڏيئي آيا آهيون.

# باب نائون

# حرف جر

حرف جر اهو لفظ آهي جيڪو اسم يا ضمير جي پويان اچي ٿو ۽ انهيءَ جو ڪنهن ٻئي اسم يا ضمير سان واسطو يا نسبت ڏيکاري ٿو. جيئن تہ سان، مان، ڪان، ڪي، تي، لاءِ، وٽ ۽ ۾ وغيره. هيٺ انهن جا مثال ڏجن ٿا.

## 'سان' جون صورتون

| | واحد | جمع |
|---|---|---|
| متڪلم: | ما سان= مون سان | سَا سان= اَسان سان |
| حاضر: | توسان= توسان | وَاسان= اوهان سان |
| غائب : | هوسان= هُن سان | هوجَان سان= هُنن سان |

**مثال:**

| | |
|---|---|
| مَا سان آئو= مون سان آيو | سَا سان آئو= اَسان سان آيو |
| توسان آئو= توسان آيو | وَاسان آئو= توهان سان آيو |
| هوسان آئو= هن سان آيو | هوجَان سان آئو= هُنن سان آيو |

## 'تي' جون صورتون

حرف جر 'تي' ۽ '۾' ٻنهي لاءِ جتڪي ۾ هڪ حرف 'تي' ڪم ايندو جيئن تہ:

ماهين تي= 'مون تي' ۽ پڻ 'مون ۾'

| | واحد | جمع |
|---|---|---|
| متڪلم: | مَاهين تي= مون تي/ مون ۾ | سَاهين تي= اَسان تي/ اسان ۾ |

| | |
|---|---|
| حاضر: توهين تي= توتي/ تو ۾ | واهين تي= توهان تي/ توهان ۾ |
| غائب: هوجے تي= هُن تي/ هن۾ | هوجَان تي= هُنن تي/ هُنن ۾ |

**مثال:**

ماهين تي ذميداري هَز= مون تي ذميداري آهي.

ساهين تي ذميداري هَز= اسان تي ذميداري آهي

توهين تي ذميداري هَز= توتي ذميداري آهي.

واهين تي ذميداري هَز= اوهان تي ذميداري آهي

هوجے تي ذميداري هَز= هُن تي ذميداري آهي

هوجان تي ذميداري هَز= هُنن تي ذميداري آهي.

**نوٽ:** ماهين، ساهين، توهين، وان، ۾ جان ۾ 'ن' غنو آهي.

## ڪان، مان ۽ وٽان جون صورتون

حرف جر 'ڪان'، 'مان'، 'وٽان'، لاءِ جتڪي ۾ هڪ حرف 'ڳا' ڪم ايندو.

| | واحد | جمع |
|---|---|---|
| متڪلم: | مَاڳا= مون ڪان/ مان/ وٽان | سَاڳا= اسان ڪان/ مان/ وٽان |
| حاضر: | توڳا= تو ڪان/ مان/ وٽان | واڳا= توهان ڪان/ مان/ وٽان |
| غائب: | هوڳا= هن ڪان/ مان/ وٽان | هوجَان ڳا= هنن ڪان/ مان/ وٽان |

**مثال:**

| | |
|---|---|
| مَاڳا پَاڙائين= مون ڪان ورتائين | سَاڳا پاڙائين= اسان ڪان ورتائين |
| توڳا پَاڙائين= تو ڪان ورتائين | واڳا پاڙائين= توهان ڪان ورتائين |
| هوڳا پَاڙائين= هن ڪان ورتائين | هوجَان ڳا پَاڙائين= هن ڪان ورتائين |

## لاءِ/ واسطي جون صورتون

حرف جر لاءِ/ واسطي لاءِ جتکي ۾ هڪ حرف 'ليا' ڪم ايندو.

| | واحد | جمع |
|---|---|---|
| متڪلم: | مَاليَا= مون لاءِ/ واسطي | سَاليَا= اسان لاءِ/ واسطي |
| حاضر: | توليَا= تولاءِ/ واسطي | واليَا= اوهان لاءِ/ واسطي |
| غائب: | هوليَا= هن لاءِ/ واسطي | هوجان ليَا= هُنن لاءِ/ واسطي |

مثال:

| | |
|---|---|
| مَاليَا بہ لَهہ= مون لاءِ بہ رک | سَاليَا بہ لَهہ= اسان لاءِ بہ رک |
| توليَا بہ لهَين= تو لاءِ بہ رکان | وَاليَا بہ لهَين= توهان لاءِ بہ رکان |
| هوليَا بہ لهين= هُن لاءِ بہ رکان | هوجَان ليَا بہ لَهين= هن لاءِ بہ رکان. |

## 'وٽ' جون صورتون

حرف جر 'وٽ' لاءِ 'مِل' ۽ 'مِڻ' استعمال ٿيندا.

| | واحد | جمع |
|---|---|---|
| متڪلم: | مَامِل/ مَامِڻ= مون وٽ | سَامِل/ سَامِڻ= اسان وٽ |
| حاضر: | تومِل/ تومِڻ= تو وٽ | وَامِل/ وَامِڻ= توهان وٽ |
| غائب: | هومِل/ هومِڻ= هن وٽ | هوجَان مِل/ هوجان مِڻ= هنن وٽ |

مثال:

مَامِل مُندري هَز= مون وٽ منڊي آهي

سَامِل مُندري هَز= اسان وٽ منڊي آهي

تومِل مُندِري هَز= تو وٽ مُنڊي آهي

وامِل مُندِري هَز= اوهان وٽ مُنڊي اهي

هومِل مُندري هَز= هن وٽ مندي آهي

هوڃَان مل مُندري هَز= هنن وٽ مُنڊي آهي.

## ڏي، ڏانهن جون صورتون

حرف جر ڏي ۽ ڏانهن لاءِ جتڪيءَ ۾ 'زهون' استعمال ٿيندو. ڪي 'زم' بہ استعمال ڪن جيئن مازم= مون ڏانهن، توزم= تو ڏانهن

| | واحد | جمع |
|---|---|---|
| متڪلم: | مَازِهُون= مون ڏانهن | سَازِهُون= اسان ڏانهن |
| حاضر: | توزِهُون= توڏانهن | وَازِهُون= اوهان ڏانهن |
| غائب: | هوزِهُون= هُن ڏانهن | هوڃَان سُون= هنن ڏانهن |

مثال:

| | |
|---|---|
| مَازِهُون آئو= مون ڏانهن آيو | سَازِهُون آئو= اسان ڏانهن آيو |
| توزِهُون آئو= تو ڏانهن آيو | وَازِهُون آئو= اوهان ڏانهن آيو |
| هوزِهُون آئو= هن ڏانهن آيو | هوڃَان سون آئو= هنن ڏانهن آيو |

مٿين صورتن ۾ جمع غائب واري صورت ۾ صرف 'سون' استعمال ٿيو آهي 'زهون' جي جاءِ تي. ڪجھ ٻيا مثال بہ ان صورت جا آهن جيئن تہ ويڃاسُون= انهن ڏانهن، ڪيڃان سُون= ڪنهن ڏانهن يا ڪيڏانهن.

## 'ڪان+ وٽ' واريون صورتون

1. جتڪيءَ ۾ هيءَ ستّاءِ انوکي آهي، جن کي سمجھڻ جي ضرورت آهي. سنڌيءَ

۾ حرف جر 'ڪان' اڪيلو آهي، پر جتڪي ۾ مرڪب سٽاءُ موجب 'ڪان+ وٽ' ٿيندو.

**2.** سنڌي جي اڪيلي 'ڪان' واري جتڪيءَ جي صورت 'ڳا' آهي، پر هن انو ڪي سٽاءُ ۾ 'ڳا' جون ضمير (متڪلم، حاضر ۽ غائب) مطابق الڳ صورتون ٿينديون.

| | واحد | جمع |
|---|---|---|
| متڪلم: | پاڙ ڳائين= وٽوم | پاڙے سِ ڳائون= اسان ڪائون وٽو |
| حاضر: | پَاڙ ڳاس= وٽينس | پَاڙے سِ ڳاڻ= وٽونِ |
| غائب: | پاڙے سِ ڳائوس= وٽوس | پاڙے سِ ڳائوڻِ= وَٽون |

**مثال:**

| واحد | جمع |
|---|---|
| ڪو ڏال پَاڙ ڳائين= ڪوڏر وٽوم | ڪوڏال پَاڙے سِ ڳائون= ڪوڏر وٽو |
| ڪوڏال پَاڙ ڳاسِ= ڪوڏر وٽينس | ڪوڏالَ پاڙے سِ ڳاڻ= ڪوڏر وٽون |
| ڪوڏال پَاڙے سِ ڳلوسِ= ڪوڏر وٽوس | ڪوڏال پَاڙے سِ ڳائوڻ= ڪوڏر وَٽونِ. |

| واحد | جمع |
|---|---|
| ڏے هَن ڪئين= ڏيوم | ڏے سِ ڪَنئون= ڏيو (اسانکي) |
| ڏين ڪے= ڏيانءِ | ڏے ڪُمس= ڏيو |
| ڏهے هَن ڪوس= ڏينس | ڏے سِ ڪوڻ= ڏيون |

**مثال:**

| واحد | جمع |
|---|---|
| ڪتابَ ڏے هَن ڪئين= ڪتاب ڏيوم | ڪتابَ ڏے سِ ڪَنئون= ڪتاب ڏيو |

| | |
|---|---|
| ڪتابَ ڏين ڪي= ڪتاب ڏيائين | ڪتاب ڏي ڪُمس= ڪتاب ڏيو |
| ڪِتاب ڏهي هَن ڪرس= ڪتاب ڏينس | ڪِتابَ ڏي س ڪوڻ= ڪتاب ڏيون |

## 'ڪي' واريون صورتون

'ڪي' حرف جر لاءِ جتڪيءَ ۾ 'ڪ' استعمال ٿيندو آهي.

| واحد | | جمع |
|---|---|---|
| متڪلم: | مَاڪِ= مونکي | سَاڪِ= اسان کي |
| حاضرَ: | توڪِ= توکي | وَاڪِ= اوهانکي |
| غائب : | هوڪِ= هن کي | هوجَانڪِ= هنن کي |

**مثال:**

| | |
|---|---|
| ماڪِ ڏي هَن= مونکي ڏي | سَاڪِ ڏي هَن= اسانکي ڏي |
| توڪِ ڏِين= توکي ڏيان | وَاڪِ ڏِين= اوهانکي ڏيان |
| هوڪِ ڏين= هُن کي ڏيان | هوجَانڪِ ڏينهَن= هنن کي ڏي |

**ڪي ٻيا انوکا مثال**

| | |
|---|---|
| ڪي جَاڻ ڳَا= ڪِن کان | جي جَاڻ ڳَا= جن کان |
| تي جَاڻ ڳَا= تِن کان | وِي جَاڻ ڳَاَ= انهن کان |
| هي جاڻ ڳَا= هِنن کان | هوجَاڻ ڳَا= هُنن کان |
| سِروس ڳَاَ= سندس کان | سِجوڻ ڳَا= سندن کان |

# باب ڏهون

## اســـتــفــهـــام

'استفهام' يعني 'پڇا وارا لفظ'. جتڪيءَ ۾ استفهام لاءِ پڇا وارا الفاظ هيٺيان آهن.

- ڪاڙو = ڇا
- ڪالي = ڇو
- ڪاهو = ڪهڙو
- ڪاهي = ڪهڙي
- ڪاهاڻ = ڪهڙن
- ڪِڙاں = ڪٿان
- ڪِڙے = ڪٿي
- ڪيتڙون = ڪيترو
- ڪيتڙِي = ڪيتري
- ڪِيان = ڪيئن
- ڪِڱا = ڪيئن
- ڪرنهين = ڪيڏانهن
- ڪِيڏے = ڪيڏانهن
- ڪِيڻ = ڪنهن
- ڪيجِهي = ڪنهن جي

ـ ڪبڪِ = ڪنهن کي

ـ ڄکي جهو = ڪنهن جو

ـ کي زوڻ = ڪنهن ڏانهن

ـ ڪِيلاَن = ڪڏهن

ـ ڪَڏُون = ڪڏهن

ـ ڪيسيتائين = ڪيستائين

## پڇا وارن لفظن جو جُملن ۾ استعمال:

- **ڪاڙو = ڇا، ڪالي = ڇو**

ـ ڪالي ڏِتوءِ ڪوس= ڇو ڏِنئس

ـ ڪاڙي لِيا آئو هَزون = ڇا لاءِ آيو هو

ـ ڪاڙي ڪِ بال لَغو = ڇا کي ٻال لڳو

ـ ڪاڙي سان لِکين ٿو = ڇا سان لکندين

ـ ڪاڙي ڳا پَاڙائين = ڇا ڪان ورتائين.

ـ ڪاڙي تي وِڃين ٿو = ڇا تي ويندين

ـ اَڄ ڪاڙي جو ڏينهن هَ = اڄ ڇا جو ڏينهن آهي

ـ ڪاڙي جا هارهَ/ هَز = ڇا جا هارَ آهن

ـ ڪاڙي جي ڪري ڪرڻ آئو = ڇا جي ڪري ڪوڻ آيو

- **ڪاهو= ڪهڙو، ڪاهي = ڪهڙي**

ـ ڪاهو پينو هَزُون = ڪير وينو هو

- ڪاهي چوڪري جا ڪِتاب هَز= ڪهڙي چوڪري جا ڪتاب آهن.
- ڪَاهَاڻ ڍڳا ٻَرها= ڪهڙن ڍڳا ٻڌا
- ڪاهي سان وهوهَن پي = ڪهڙي سان وئين پي.
- ڪي سان وهوهن پي = ڪنهن سان وئين پئي.
- ڪَاهي پاڙي آئو = ڪهڙي ڪان ڪٿي آيو.
- ڪَاهي مِل/ مِلڻ ڪتاب لها = ڪنهن وٽ ڪتاب پيا آهن.
- ڪَاهي پين پيو پاڙين = ڪهڙي پين ٿو ڪٿين
- ڪاهيون ڪاپيون هيجون هَز = ڪهڙيون ڪاپيون هن جون آهن.

- **ڪِڙي = ڪٿي، ڪِڙَان = ڪِٿان**

- ڪِڙي پينَاس = ڪٿي وينا آهيو
- ڪِڙان آواس = ڪٿان آيا آهيو

- **ڪيتڻون= ڪيترو**

- ڪيتڻون پاڻي اَيتي پيو= ڪيترو پاڻي اچي ٿو.
- ڪيتڻان ايڪڙ پو ڪاءِ = ڪيترا ايڪڙ پوکيڻ
- ڪيتڻي دير تي ايين ٿو = ڪيتري دير ۾ ايندين
- ڪيتڻيون ڪڪڙون هَز = ڪيتريون ڪڪڙيون آهن

- **ڪِيان = ڪيئن**

- ڪِيان پيو پَائين= ڪيئن ٿو پائين.
- هي ڪت ڪِفا والائين= هي ڪت ڪيئن واليائين.

- ڪرنهين = ڪيڏانهن

- ڪونهين پيو وڃين = ڪيڏانهن پيو وڃين
- ڪيٿي وهوهَن هُزوُن = ڪيڏانهن ويو هئين

- ڪيڻ = ڪنهن

- ڪيڻ منائي ڏٿي = ڪنهن منائي ڏني.
- هي ڪيجهي پين هه/ هَز= هي ڪنهن جي پين آهي.
- ڪي جهي ڳينهن تي وَهو = ڪنهن جي گهر ويو.
- ڪي جهي ڪري اَئين پيناس = ڪنهن جي ڪري توهان وينا آهيو.
- ڪيڪ ڪاپي ملي = ڪنهن کي ڪاپي ملي.
- ڪيجهو چوڪرو هَزُون = ڪنهن جو چوڪرو هو.
- ڪي لِيا پاڻي پروء= ڪنهن لاء پاڻي پرينه
- ڪي جَها گهيت هہَ = ڪنهن جا پار آهن
- ڪي سان وِڃين تو = ڪنهن سان ويندين.
- ڪي ڳا ڪِتاب پاڙين = ڪنهن کان ڪتاب وٺان
- ڪ مِل/ ڪي مِڻ ڪاپيُون لَهيون = ڪنهن وٽ ڪاپيون پيون آهن.
- ڪيجهَون ڪاپيون پَاڙي آئوهن= ڪنهنجون ڪاپيون ڪٿي آيو آهين.
- ڪي جَاڻ هي رَستو ٺاهو = ڪنهن هي رستو ٺاهيو.
- ڪي جَان ڪِ هي ڪِتابَ ملا = ڪنهن کي هي ڪتاب مليا.
- ڪيجان ڳا ڪتاب ڳِٺهاء = ڪنهن کان هي ڪتاب ورتہ

ـ ڪيڏون وهوهن هُزون = ڪنهن ڏانهن ويو هئس.

- **ڪيلان = ڪڏهن**

ـ ڪِيلاَن آئوهن = ڪڏهن آئين

ـ ڪڏون آئو هُزون = ڪڏهن آيو هو

ـ ڪڏها ڪُر وهو = ڪڏهن کان ويو

ـ ڪَڏون ڳا برسات پوئي پئي = ڪڏهن کان برسات پئي پئي.

- **ڪيستائين = ڪيستائين**

ـ ڪسيتائين ميني آئوهن = ڪيستائين ڇڏي آئين.

ـ ڪيستائين ٻيٺو هَن = ڪيستائين ويٺو آهين.

| | | |
|---|---|---|
| ڏوسَڻ (پرڻ) | ڏوسندڙ (پريندڙ) | ڏوسيل (پريل) |
| ڏالَڻ (کسڻ) | ڏاليندڙ (کسيندڙ) | ڏاليَل (کسيل) |
| ڏزڻ (ڏهڻ) | ڏزندڙ (ڏهيندڙ) | ڏزيَل (ڏهيل) |
| ٻيڻ (ٻڄڻ) | ٻيندڙ (ٻڄندڙ) | ٻيل (ٻنل) |
| رَمَڻ (کيڏڻ) | رَمندڙ (کيڏندڙ) | رَميل (کيڏيل) |
| سَنهڻ (ڳوهڻ) | سَنهندڙ (ڳوهيندڙ) | سَنهيل (ڳوهيل) |
| ڪازائڻ (ڪاهائڻ) | ڪازائندڙ (ڪاهائيندڙ) | ڪازايَل (ڪاهايل) |
| ڪُزڻ (ڪهڻ) | ڪُزندڙ (ڪهندڙ) | ڪُزيل (ڪُهيل) |
| ڪَلَڻ (وهنجڻ) | ڪَلندڙ (وهنجندڙ) | ڪَليَل (وهنتل) |
| ڪِٽڻ (وڪٽڻ) | ڪِٽندڙ (وڪٽندڙ) | ڪِٽيل (وڪيل) |
| ڪوٺڻ (هٽڻ) | ڪوٺندڙ (هٽندڙ) | ڪٺيل (هنيل) |
| ڪيرڻ (هارڻ) | ڪيرندڙ (هاريندڙ) | ڪيريل (هاريل) |
| ڳُدڻ (اگهڻ) | ڳُدندڙ (اگهندڙ) | ڳُديل (اگهيل) |
| لاَزَڻ (رڪڻ) | لاَزندڙ (رڪندڙ) | لاَزيل (رڪيل) |
| لونيڻ (هيسائڻ) | لونيندڙ (هيسائيندڙ) | لونييل (هيسايل) |
| مِيڻ (ڇڏڻ) | ميندڙ (ڇڏندڙ) | مِغل (ڇڏيل) |
| نِڪلڻ (نڪرڻ) | نِڪلندڙ (نڪرندڙ) | نِڪليل (نڪتل) |
| وَاچڻ (هَلڻ) | واچندڙ (هلندڙ) | وَاتل (هليل) |
| وِزڻ (وڃڻ) | وِزندڙ (وڃندڙ) | وِزيَل (وڃل) |

## (ج) مصدر مان اسم حاليہ (مذڪر ۽ مؤنث)

| مصدر | اسم حاليہ (مذڪر) | اسم حاليہ (مؤنث) |
|---|---|---|
| اُٻالڻ | اُٻالدو (اُٻاريندو) | اَٻالدي (اُٻاريندي) |
| اُڇارَڻ (اُٿارڻ) | اُڇاردو (اُٿاريندو) | اُڇاردي (اُٿاريندي) |
| اُٿڻ (اُٿڻ) | اُٿدو (اُٿندو) | اُٿدي (اُٿندي) |
| اَيڻ (اَچڻ) | اَيندو (ايندو) | اَيندي (اِيندي) |
| بَتلجَڻ (بدلجڻ) | بتلجدو (بدلجندو) | بَتلجندي (بدلجندي) |
| ٻِلَڻ (ٻيجڻ) | ٻلدو (ٻيجندو) | ٻِلدي (ٻيجندي) |
| ٻيلائڻ (ٻيڃائڻ) | ٻيلائندو (ٻيڃائيندو) | ٻيلائيندي (ٻيڃائيندي) |

1. مصدر مان اسم حاليہ مذڪر ٺاهڻ لاءِ سنڌي وانگر 'ڻ' هٽائي انجي جاءِ تي 'دو' يا 'ندو' لڳائبو.

2. مصدر مان اسم حاليہ مؤنث ٺاهڻ لاءِ سنڌي وانگر 'ڻ' هٽائي ان جي جاءِ تي 'دي' يا 'ندي' لڳائبو.

مثال:

صبح ڳا ڳِٺهي اُڇاردو پري= صبح کان وٺي اُٿاريندو وتي.

پاڻي لَغَڻ سان رَنگ بتلجدو وَهو= پاڻي لڳڻ سان رنگ بدلجندو ويو.

ڪَالھ هِزَان ٻِلدو وَهو= ڪلھ هتان ٻيجندو ويو.

ٻَڪريَان ڪِ باغ تي ٻيلائيندي پري= ٻڪرين کي باغ ۾ ڊڪائيندي وتي.

اگ سَامِڻ اَيندي هَزون= اگ اسان وٽ ايندي هئي.

ڇَاوَلَ اُٻالِدي لهندي وَهي= چانور اُٻاريندي رکندي وئي.

اسم حاليہ جي مجھولي صورت:

جتڪيءَ ۾ اسم حاليہ جي مجھولي صورت سنڌي کان الڳ آهي. جيئن تہ:

| مذڪر | مؤنث |
| --- | --- |
| ڪَرَان ٿا= ڪبو | ڪَجي ٿي= ڪبي |
| پَڙهان ٿا= پڙهبو | پڙهجي ٿي= پڙهبي |
| لکَان ٿا= لکبو | لکجي ٿي= لِکجي |

## (د) مصدر مان ماضيءَ واريون مفعولي صورتون

| مصدر | اسم مفعول (مذڪر) | اسم مفعول (مؤنث) |
| --- | --- | --- |
| پيذارڻ (ويهارڻ) | پيذارو (ويهاريو) | |
| پيڻ (ويهڻ) | پينو (وينو) | پيني (ويني) |
| پوئڻ (ٻيهڻ) | پو (ٻيٺو) | پوئي (ٻيٺي) |
| پُثارڻ) ٻيهارڻ) | پُثارو (ٻيهاريو) | پُثاري (ٻيهاري) |
| پيَاڻ (ٽوڙائڻ) | پَغائو (ٽوڙايو) | |
| پيَڻ (ٽوڙڻ) | پغو (ٽٽو) | پغي (ٽٽي) |
| ٿُرٽڻ (ڪرڻ/ ٽٽڻ) | ٿُرٽو (ڪِريو) | ٿُرٽي (ڪري/ ٽٽي) |

● مٿين صورتن مان هيٺيان نتيجا نڪرن ٿا.

1. ماضي واري مفعولي، مذڪر صورت ٺاهڻ لاءِ مصدر جي آخر ۾ 'ڻ' جي جاءِ تي 'و' ڳنڍبو. سواءِ ڪن مصدرن جي، جن جي آخر ۾ 'ندو' لڳائبو. جيئن 'ايڻ' مان ايندو.

2. مؤنث ٺاهڻ لاءِ مصدر جي آخر ۾ 'ڻ' جي جاءِ تي 'ي' آڻبي. مثال لاءِ هيٺين

جملن تي غور ڪيو.

مثال:

ڪورتڙي ڪِ ڪت تي ڪِيڻ ٻيدارو= ننڍڙي ڪي ڪت تي ڪنهن ويهاريو.
نِمان شَان ڳاوِڙے ٻينوهڻ= شام ڪان (مغرب ڪان) اتي وينو آهي.
هيڪ وِڙين ٻين ٻڌارو= هِن ڪي اتي تو ٻيهاريو.
گاڏي ڪالهہ تہ وِڙي ٻوئي هَرون= گاڏي ڪلهہ تہ اِتي ٻيٺي هئي.
ٿالهي ڪِرڻ سان ٻہ ڪانہ ٻَغيِ= پليٽ ڪِرڻ سان ٻہ ڪانہ ڀڳي.
سڃو ڏينهن ڪم ڪري ٿرِتي پئي= سڃو ڏينهن ڪم ڪري ٿڪي پئي.

## (هہ) مصدر مان اسم استقبال

| مصدر | اسم استقبال (مذڪر) | اسم استقبال (مؤنث) |
|---|---|---|
| پَاڙڻ (ڪٽڻ) | پَاڙٹو (ڪٽٹو) | پاڙٹي (ڪٽٹي) |
| پْشَائڻ (پڇڻ) | پْشائٹو (پڇٹو) | پْشائٹي (پڇٹي) |
| پيزائڻ (پيهائڻ) | پيزائٹو (پيهائٹو) | پيزائٹي (پيهائٹي) |
| پيزڻ (پيهڻ) | پيزٹو (پيهٹو) | پيزٹي (پيهٹي) |
| چے ڻ (چوڻ) | چے ٹو (چوٹو) | چے ٹي (چوٹي) |
| چِيَڻ (تَنڻ) | چيٹو (تَنٹو) | چيٹي (تَنٹي) |

مٿين صورتن مان هيٺان نتيجا نڪرن ٿا.

1. اسم استقبال (مذڪر) ٺاهڻ لاءِ مصدر جي آخر ۾ 'و' ڳنڍبو.

2. اسم استقبال (مؤنث) ٺاهڻ لاءِ مصدر جي آخر ۾ 'ي' ڳنڍبو.

مثال لاءِ هيٺين جملن تي غور ڪيو.

مثال:

چڪي ڳَا اَتو پَاڙُلو هَز= چڪي ڪان اٽو ڪٽيلو آهي.
ڏَانءِ جو ملهه پُشاٽلو هَزُون= اَن جو مَلهه پڇيو هيو.
اَتو ٻه پيزَاٽلو هَز= اٽو ٻه پيهاٽلو آهي.
ميندِي ڪيتڻي پيزهڻي هَز= ميندي ڪيتري پيهڻي آهي.
تار ته وِي وَزن تي چيٽي هَزون= تار ته ان وزن تي تٽڻي هئي.
هي سوغات هولِيَا پيسٽي هَزُون= هي سوغات هُن لاءِ موڪلڻي هئي.

## (و) فعل متعدي ۽ متعدي بالواسطه جون صورتون

جتڪيءَ ۾ ٻه سنڌي وانگر مصدر ۾ "ا" يا "ا" ۽ "ء" آڻڻ سان فعل متعدي بالواسطه جڙندا.

| فعل متعدي بالواسطه | فعلي متعدي |
|---|---|
| لِچارڻ (اُتارڻ) | لِچَڻ (اُتڻ) |
| بيلائڻ (پيچائڻ) | بِلڻ (پچڻ) |
| ٻَلَڻ (ٻارڻ) | ٻَلڻ (ٻَرڻ) |
| ٻَذلَڻ (ٻڌَائڻ) | ٻَذَڻ (ٻُڌڻ) |
| ٻيذَارڻ (ويهارڻ) | ٻيذَڻ (ويهڻ) |
| ٻِئارَڻ (ٻيهارڻ) | ٻورئڻ (ٻيهڻ) |
| ٻيَائڻ (تتائڻ) | ٻيڻ (تتڻ) |
| تِلڪائڻ (ترڪائڻ) | تِلڪَڻ (ترڪڻ) |
| پَسَائڻ (ڏيکارڻ) | پَسَڻ (ڏسڻ) |

| | |
|---|---|
| پُسَڻ (ڀڃڻ) | پُسائڻ (ڀڄائڻ) |

ساڳي طرح فعل متعدي بلواسطہ ٺهڻ لاءِ فعل متعدي سان 'ڻ' جي بجاءِ 'را' ڳنڍبو. جيئن ته:

| فعل متعدي | فعل متعدي بالواسطہ ٺهو |
|---|---|
| لَهَڻ (رکڻ) | لَهرائڻ (رکرائڻ) |
| لَغڻ (لڳڻ) | لَغرائڻ (لَڳرائڻ) |
| نِڪلَڻ (نِڪرڻ/ ڪڍڻ) | نِڪلرائڻ (ڪڍرائڻ) |

هيٺ فعل بالواسطہ جون واحد ۽ جمع واريون صورتون ڏجن ٿيون.

| واحد | جمع |
|---|---|
| چَورائين= چَورايان | چَورايان= چورايون |
| رَڏائين= رَڏايان | رَڏايَان= رَڏايُون |
| رَنگائين= رَنگايان | رَنگايان= رَنگايون |
| لِڪائين= لڪايان | لِڪايَان= لِڪايُون |
| پَڙهائين= پڙهايان | پڙهايان= پڙهايُون |
| بے لائين= پجايان | بے لآيَان= پجايُون |
| ڪَاوَارين= ڪاريان | ڪَاوَاران= ڪارايُون |
| واچارينَ= هلايَان | وَچاران= هلايون |
| پُتارين= بيهاريان | پُتاران= بيهاريون |
| اُچَارين= اُٿاريان | اُچاران= اُٿاريہ |

مٿين واحد ۽ جمع وارين فعل بالواسطہ جي صورتن تي غور ڪبو تہ هيٺيان نتيجا نڪرن ٿا.

1. واحد صورت ۾ جتڪيءَ جي لفظ جو سنڌي ترجمو، جمع جي صورت ۾ جتڪي وارو لفظ بيهي ٿو.

2. جمع جي صورت ٺاهڻ لاءِ، واحد جي صورت ۾ جتي "ٿين" پڇاڙي آهي انڪي هٽائي 'يان' لڳائبو ۽ جتي 'ين' لڳل آهي انجي جاءِ تي 'ان' لڳائبو.

# باب ٻارهون
# زمـــــــــــــان

هيٺ مصدر 'لکڻ' مان سڀني زمانن جا مثال ڏجن ٿا.

## • زمان حال

| | واحد | جمع |
|---|---|---|
| | | |
| مضارع | لکين= لکان | لکان= لکون |
| حال | لکين پيو= لکان پيو | لکان پيا= لکون ٿا |
| استمراري | لکين پيو= لکان پيو | لکان پيا= لکون ٿا |
| مدامي | لکين= لکندو آهيان | لکان= لکندا آهيون |
| متشکي | لکدوس هوندو= لکندو هوندس | لکداسڻ هوندا= لکندا هونداسين. |

زمان حال جي مٿين صورتن مان هيٺيان نتيجا ڪڍي سگهون ٿا.

1. مضارع ۾ واحد واري صورت جو سنڌي ترجمو يا معنيٰ ان جي جمع واري صورت ۾ جتڪي واري صورت آهي.

2. مضارع ۽ زمان حال مدامي جون صورتون بلڪل ساڳي آهن.

3. زمان حال ۽ زمان حال استمراري ۾ جتڪي واريون صورتون ساڳي آهن.

## • زمان ماضي

| | واحد | جمع |
|---|---|---|
| مطلق | لکو= لکيو | لکو= لکيو |
| استمراري | لکوپي= لکيو پئي | لکوپوي= لکيو پئي |

| | واحد | جمع |
|---|---|---|
| مدامي | لکدوس هُئون= لکندو هوس | لِکداسان هُئون= لکندا هئاسين |
| قريب | لِکوهه/ هُئَ= لکيو آهي | لِکوهه/ هُئَ= لکيو آهي |
| بعيد | لکو هُئون= لکيو هو | لِکو هُئون= لکيو هو |
| شرطيه | لکين هُئون= لکان ها | لِکان هُئون= لکون ها |
| متشڪي | لکو هوندو= لکيو هوندو | لکو هوندو= لکيو هوندو |

## • زمان مستقبل

| | واحد | جمع |
|---|---|---|
| مستقبل | لکين ٿو= لکندس | لکان ٿا= لکنداسين |
| استمراري | پيو لکين ٿو= پيو لکندس | پيا لکان ٿا= پيا لکنداسين |

## زمانن جا ڦيرا

هيٺ مٿي ڏنل سڀني زمانن جا ڦيرا ڏيئي رهيا آهيون

## (الف) زمان حال جا ڦيرا

زمان مضارع ۽ زمان حال مدامي ۾ مذڪر ۽ مؤنث جي ساڳي صورت ٿيندي.

## • زمان مضارع

| ضمير | واحد | جمع |
|---|---|---|
| متڪلم | اَئُون لکين= آءُ لکان | اَسي لکان= اسين لکون. |
| حاضر | اَتُو لکين= تون لک | اَئين لکے سِ- توهان لکو. |
| غائب | هو لِکے= هو لکي | هو لکيڻ= هو لکن |

**ڪي ٻيون صورتون:**

| | واحد | جمع |
|---|---|---|
| | هے لکے= هي لکي | هے لکيڻ= هي لکن |
| | وے لکے= اِهو لکي | وے لکيڻ= اهي لکن |

● **زمان حال (مذڪر)**

| ضمير | واحد | جمع |
|---|---|---|
| | | |
| متڪلم | اَچُون لڪين پيو = آءٌ لڪان ٿو | اَسي لڪان پيا= اسين لڪون ٿا |
| حاضر | اَتُو لڪين پيو= تون لڪين ٿو | اَئين لڪيے سِ پيا= توهان لڪو ٿا |
| غائب | هو لِڪيے پيو= هو لڪي ٿو | هو لڪيڻ پيا= هو لڪن ٿا |

**ٻيون صورتون:**

| | |
|---|---|
| هيے لڪيے پيو= هي لڪي ٿو | هيے لڪيڻ پيا= هي لڪن ٿا |
| وے لڪيے پيو= اهو لڪي ٿو | وے لڪيڻ پيا= اهي لڪن ۔ |

● **زمان حال (مؤنث)**

| ضمير | واحد | جمع |
|---|---|---|
| | | |
| متڪلم | اَچُون لڪين پي = آءٌ لڪان ٿي | اَسي لڪان پيا= اسين لڪون ٿا |
| حاضر | اَتو لڪين پي= تون لڪين ٿي | اَئين لڪيے سِ پيون= توهان لڪو ٿيون |
| غائب | هو لِڪي پي= هي لڪي ٿي | هيےلڪيڻ پيون= هي لڪن ٿيون |

**ٻيون صورتون:**

| | |
|---|---|
| هيے لڪيے پي= هي لڪي ٿي | هيے لڪيڻ پيون= هي لڪن ٿيون |
| وے لڪي پي= اِها لڪي ٿي | وے لڪيڻ پيون= اهي لڪن ٿيون |

زمان حال استمراري جتڪي ۾ ساڳي زمان حال واروئي ٿيندو.

مثال طور: اَچُون لڪين پيو= آءٌ لڪان پيو، اَچُون لڪين پي= آءٌ لڪان پئي.

● **زمان حال متشڪي (مذڪر)**

| ضمير | واحد | جمع |
|---|---|---|
| | | |
| متڪلم | اَچُون لڪدوس هوندو= آءٌ لڪندو هوندس | اَسي لڪداسان هوندا= اسين لڪنداسين هونداسين. |

| | | |
|---|---|---|
| حاضر | آتو لکدو هن هوندو= تون لکدو هوندين. | أئين لکداسِ هوندا= توهان لکندا هوندو |
| غائب | هوِلکدوهوندو=هو لکندوهوندو | هو لکدا هوندا= هو لکندا هوندا. |

**ڪي ٻيون صورتون:**

| | |
|---|---|
| هے لکدو هوندو= هي لکندو هوندو | هے لکدا هوندا= هي لکندا هوندا |
| وے لکدو هوندو= اِهو لکندو هوندو. | وے لکدا هوندا= اهي لکندا هوندا |

**• زمان حال متشڪي (مؤنث)**

| ضمير | واحد | جمع |
|---|---|---|
| متڪلم | آجُون لکديَاس هوندي= آءٌ لکندي هونديس | اَسي لکدا سان هوندا= اسين لکنديون هونديوسين. |
| حاضر | اَتُو لکدينهن هوندي= تون لکندي هوندين | اَئين لکندويونس هونديون= توهين لکنديون هونديون. |
| غائب | هوِ لکدي هوندي= هوءَ لکندي هوندي | هوِ لکديُون هونديون= هو لکنديون هونديون. |

**ڪي ٻيون صورتون:**

| | |
|---|---|
| هے لکدي هوندي= هي لکندي هوندي | هے لکديون هونديون= هو لکنديون هونديون. |
| وے لکدي هوندي= اِها لکندي هوندي | وے لکديون هونديون= اهي لکنديون هونديون. |

زمان حال مدامي لاءِ مضارع واروئي ڦيرو ٿيندو جيئن ته:

اَجُون لکين= آءٌ لکندو آهيان.

اجون لکين= آءٌ لکندي آهيان

## (ب) زمان ماضي جا ڦيرا

زمان ماضي مطلق، استمراري، قريب، بعيد، شرطيه ۽ ماضي متشڪي ۾ مذڪر ۽ مؤنث جي ساڳي صورت ٿيندي.

### زمان ماضي مطلق (مذڪر ۽ مؤنث)

| ضمير | واحد | جمع |
|---|---|---|
| متڪلم | مين لکو= مون لکيو | اَسين لکون= اسان لکيو |
| حاضر | ٻين لکو= تو لکيو | اَئين لکو= توهان لکيو |
| غائب | هُوڻ لکو= هُن لکيو | هوڄاڻ لکو= هنن لکيو |

**ڪي ٻيون صورتون:**

| | |
|---|---|
| هيڻ لکو= هِن لکيو | هيے ڄاڻ لکو= هِنن لکيو |
| وِيڻ لکو= ان لکيو | وِي ڄاڻ لکو= انهن لکيو |

### زمان ماضي استمراري (مذڪر ۽ مؤنث)

| ضمير | واحد | جمع |
|---|---|---|
| متڪلم | مين لکو ٻي= مون لکيو پئي | اَسي لِکون ٻي= اسان لکيو پئي |
| حاضر | ٻين لکو ٻي= تو لکيو پئي | اَئين لکو ٻي= توهان لکيوپئي |
| غائب | هوڻ لِکو ٻي= هُن لکيو پئي | هوڄاڻ لکو ٻي= هنن لکيو پئي |

**ڪي ٻيون صورتون:**

| | |
|---|---|
| هيءُ لکو پيو= هِن لکيو پئي | هي ڄاڻ لکو پيو= هِنن لکيو پئي |
| وِيءُ لکو پيو= اِن لکيو پئي | وِي ڄاڻ لکو پيو= انهن لکيو پئي |

## زمان ماضي قريب (مذڪر ۽ مؤنث)

| ضمير | واحد | جمع |
|---|---|---|
| متڪلم | مين لکو هه/ هَز= مون لکيو آهي | اَسي لکون هه/ هز= اسان لکيو آهي |
| حاضر | پين لکو هه/ هَز= تو لکيو آهي | اَئين لکو هه/ هَز= توهان لکيو آهي |
| غائب | هوءِ لکو هه/ هَز= هُن لکيو آهي | هوڄاڻ لکو هه/ هَز= هُنن لکيو آهي |

**ڪي ٻيون صورتون:**

| | |
|---|---|
| هيءُ لکو هه/هَز= هِن لکيو آهي | هي ڄاڻ لکو هه/ هَز= هِنن لکيو آهي |
| وِيءُ لکو هه/ هَز= اِن لکيو آهي | وِي ڄاڻ لکو هه/ هَز= انهن لکيو آهي |

## زمان ماضي متشڪي (مذڪر ۽ مؤنث)

| ضمير | واحد | جمع |
|---|---|---|
| متڪلم | مين لکو هوندو= مون لکيو هوندو | اَسي لکو هوندو= اسان لکيو هوندو |
| حاضر | پين لکو هوندو= تو لکيو هوندو | اَئين لکو هوندو= توهان لکيو هوندو |
| غائب | هُوءِ لکو هوندو= هُن لکيو هوندو | هوڄاڻ لکو هوندو= هنن لکيو هوندو |

**ڪي ٻيون صورتون:**

| | |
|---|---|
| هيءُ لکو هوندو= هِن لکيو هوندو | هي ڄاڻ لکو هوندو= هنن لکيو هوندو |
| وِيءُ لکو هوندو= اِن لکيو هوندو | وِي ڄاڻ لکو هوندو= انهن لکيو هوندو |

| | |
|---|---|
| غائب .هو پيو لڪي= هو پيو لڪندو | هو پيا ليڪڻ ٿا= هو پيا لڪندا. |
| **ڪي پيون صورتون:** | |
| هي پيو لڪي ٿو= هي پيو لڪندو | هي پيا لڪيڻ ٿا= هي پيا لڪندا |
| وي پيو لڪي ٿو= اهو پيو لڪندو | وي پيا لڪيڻ ٿا= اهي پيا لڪندا |

## زمان مستقبل استمراري (مؤنث)

| ضمير واحد | جمع |
|---|---|
| متڪلم آءُ پي لڪين ٿي= آءُ پئي لڪنديس | اسي پيون لڪان ٿا= اسين پيون لڪنديونسين |
| حاضر اتو پي لڪين ٿي= تون پي لڪندين | آئين پيون لڪُي س ٿيون= توهين پيون لڪندؤ. |
| غائب هو پي لڪي ٿي= هو پئي لڪندي | هو پيون لڪيڻ ٿيون= هو پيون لڪنديون. |
| **ڪي پيون صورتون:** | |
| هي پي لڪي ٿي= هي پئي لڪندي | هي پيون لڪي ڻ ٿيون= هي پيون لڪنديون. |
